# مهراڻ

نمبر 1 ۽ 2- 1977ع

آفتاب احمد
سومرو
سنگهار (سنڌ)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 26 [نمبر 1 ۽ 2

جنوري، فيبروري، مارچ
۽
اپريل، مئي، جون

1977ع

ايڊيٽر
امداد حسيني
مئنيجنگ ايڊيٽر
ظفر حسن
اسسٽنٽ ايڊيٽر
ناشاد

سنڌي ادبي بورڊ
پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.
فون نمبر 6-23888

مواد موڪلڻ جي ائڊريس
ايڊيٽر "مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ
پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس
مئنيجر
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

ساليانو پرچو 00-15 رپيا　　في پرچو 00-6 رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro at the
Sindhi Adabi Board's Printing Press, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سٿاءُ

## [ 1 ]

## شاعري


| | صفحو |
|---|---|
| 1. مخدوم محمد زمان طالب المولى | 10 |
| 2. شيخ اياز | 17 |
| 3. نياز همايوني | 22 |
| 4. تنوير عباسي | 25 |
| 5. ابراهيم منشي | 29 |
| 6. نعيم دريشاڻي | 31 |
| 7. ذوالفقار راشدي | 39 |
| 8. تاج بلوچ | 41 |
| 9. شهناز ميمڻ | 45 |
| 10. الطاف عباسي | 46 |
| 11. سحر امداد | 47 |
| 12. امداد حسيني | 49 |
| 13 شرجيل | 51 |
| 14. قاضي خادم | 52 |
| 15. نسرين جوڻيجو | 54 |
| 16. جوهر بروهي | 56 |
| 17. نور گهلو | 57 |
| 18. ملڪ نديم | 58 |
| 19. پون سنڌي | 60 |
| 20. نصير مرزا | |
| 21. سارنگ | 61 |
| 22. سليم ڳاڙهوي | |
| 23. عبدالواحد ”عابد“ | 62 |
| 24. رفيق | |
| 25. امين ٽيپو | 63 |
| 26. نظام الدين زائر | |
| 27. اياز گل | 64 |
| 28. تاج جويو | 65 |
| 29. عاجز اڄڻ | 66 |
| 30. خاڪي جويو | |
| 31. بشير سيتائي | 67 |
| 32. منير گهانگهرو | |
| 33. رسول ميمڻ | |
| 34. ناز سنائي | 68 |
| 35. سيوو خان لاشاري | |
| 36. غلام حسين رنگريز | |
| 37. عابد بلوچ | 69 |
| 38. انور پيرزادو | 70 |
| 39. عظيم سومرو | 73 |
| 40. اطهر منگي | |
| 41. سرور سيف | |
| 42. احمد خان ملڪاڻي | |
| 43. نانگراڻي | 74 |
| 44. نقاش | 75 |
| 45. مير محمد پيرزادو | 76 |
| 46. منظور ظفر | |
| 47. محمد رمضان زلفي | 77 |
| 48. مائيٽو اولو | |
| 49. پير بخش پياسي | 78 |
| 50. نثار بزمي | 79 |
| 51. ناشاد | 80 |

## [ 2 ]

## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| 1. چار | ـ عبدالقادر جوڻيجو | 83 |
| 2. رات جو رنگ | ـ شوڪت حسين شورو | 91 |
| 3. ڪاري | ـ ماڻڪ | 98 |
| 4. ۽ منهنجو من | ـ بيدل مسرور | 104 |
| 5. سمنڊ جي ڇيڻ | ـ شرجيل | 118 |
| 6. ڪاري رات | ـ نسيم ٿيبو | 123 |
| 7. شريف زادي | ـ نورالهديٰ شاهه | 129 |
| 8. مون جو پاڻيو ماڪ | ـ رفيق | 136 |
| 9. پيتل لڙڪ (هندي ڪهاڻي) | ـ ڪمليشور سنڌيڪار وليرام ولڀ | 145 |
| 10. احسان | ـ محمد دائود بلوچ | 156 |
| 11. ڌوهر جي ماڪي ـ آغا سليم | ـ عبدالقادر جوڻيجو | 162 |


## [ 3 ]

## ڊرامو


| | | |
|---|---|---|
| 1. ڊنگي منجهه دريا (ٽي. وي. ناٽڪ) | ـ علي بابا | 165 |
| ـــ ٿانڊاڻي جي لاٽ | ـ مظهر ميمڻ، مشتاق شورو ۽ شرجيل | 187 |


## [ 4 ]

## مضمون


| | | |
|---|---|---|
| 1. سنڌي شاعريءَ جا بانيڪار ـ 1 | ـ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ | 178 |
| 2. جپاني هائيڪو | ـ تنوير عباسي | 188 |
| ـــ تبصرا | ـ سليم احمد ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 196 |
| ـــ پڙهندڙن وٽان | | 200 |
| ـــ هن پرچي جا ڪهاڻيڪار | | 204 |


---

مهرباني ڪري درست ڪري پڙهندا.

ـــ ص 59 جي ڪالم 2 جي سٽ 3 ۾ لفظ 'نواب' بدران 'خواب'، ۽

ـــ ص 63 تي غزل جي ٻئي شعر ۾ لفظ 'حال' بدران 'دل'.

# گذارش

اڄ سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت آڏو انيڪ مسئلا ڪَرُ کنيو بيٺا آهن. اهي مسئلا اڄ يا ڪالهه جي پيداوار نه آهن، پر گذريل ٽيهارو ورهين کان، جيڪا پوري هڪ-ٻن نسلن جي ڄمار آهي، اسان جي ڪن لاڳاتار ڪارڻ ڪٺا ٿيندا پئي رهيا آهن.

ٻولي جيڪڏهن سڪڻن لفظن جو ڇڙوڇڙ ميڙ يا گهمسان آوازن جو جهنگل هجي ها، ته پوءِ ته، ان کي ڪنهن ميوزيم جي شو ڪيس ۾ رکي يا ڪنڊ-تار لوڙهي ۾ واڙي، ان تي هڪ سچاٽ-تختي ٽنگي، پاڻ آجا ٿي ويهي رهون ها! پر ائين ناهي. لفظن ۽ آوازن پوئتان معنائون آهن، جن کي صدين جو-جڳن جو پس منظر آهي-۽ جڏهن ته ائين ناهي، تنهن ڪري انهن لفظن ۽ آوازن کي جڳن جي-صدين جي پيش منظر عطا ڪرڻ جي ڏس ۾، اسان جون جوابداريون تهائين وڌي وڃن ٿيون.

ماضي، جنهن کي اسان لتاڙي آيا آهيون، ان جي اهميت کان انڪار ڪونهي؛ پر ان مان آهوئي ڀاڱو تڳائڻ گهرجي، جيڪو جيئرو جاڳندو ۽ ڌڙڪندڙ هجي-۽ اهو 'ڪالهه' جو جيئرو جاڳندو ۽ ڌڙڪندڙ ڀاڱو نه رڳو 'اڄ' جي وجود جي رڳن ۾ رت بڻجي ڊوڙڻ کپي، پر ساڳئي وقت 'سڀاڻي' ڏانهن اسان جو سونهون پڻ ٿيڻ گهرجي.

ائين ناهي ته انهيءَ سموري عرصي ۾ ٻوليءَ جي سڌاري، واڌاري ۽ بچاءَ لاءِ ڪابه ڪوشش ئي نه ورتي ويئي هجي، پر اهي ڪوششون محدود دائري اندر ڪيون ويون آهن ۽ اهو به، تڏهن، جڏهن نڙيءَ تي ننهن رکيو ويو. هتي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ ڪيل ٻن مکيه ڪوششن جي ڳالهه ڪرڻ ضروري آهي:

١- سنڌي ادبي سنگت جي ٻوليءَ جي قومي حيثيت جي تسليميءَ لاءِ هلايل دستخطي مهم.

٢- سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ ڪيل جدوجهد.

اهي ڪوششون ڪٿ چڙهيل ئي سهي، پر ٻوليءَ جي بچاءَ جون اهم ڪڙيون آهن. ڀرپور ۽ بامقصد-پر جڏهن ته انهن تحريڪن آڏو هڪ محدود مقصد هو، جيڪو يقينن وقتائتو ۽ اهم هو ۽ جنهن جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ اهي تحريڪون هڪ وهڪري جو روپ نه ڌاري سگهيون ۽ ختم ٿي ويون.

ادبي ۽ ثقافتي ادارن وٽ اسڪيمن جا ستا، ڏيک پراجيڪٽ، اروڙيون پلان ۽ فائيلن جا ڍير آهن، پر ڪنهن فنڪار لاءِ، ڪنهن ليکڪ لاءِ وٽن هڙ ۾ ڪوڏي به ڪينهي. حيرت آهي ته اهڙا ادارا وڏن وڏن هالن ٺهرائڻ لاءِ لکن جي بجيٽ جا وڏي ٺٽ سان اعلان ڪندا آهن، ان صورتحال ۾ انهن ڀانياڙ هالن ۽ اجگر عمارتن جي ”جيئري تي مقبرن“ کان وڌيڪ ڪابه حيثيت ڪانهي.

● ”ثميره زرين مري وئي“. جيستائين جيئري هئي پنهنجي گهائن تي مرڪ جا ڦها رکندي رهي. جيستائين گهر ۾ قيد هئي، تيستائين سندس وجود کان ئي انڪار ڪيو ويو. گهر کان ٻاهر نڪتي، نوڪريءَ جو ڪٽ ڪڇيءَ ۾ ڀاتائين، ته اهو مشاهدو ماٺاياٺين ته سندس چوڌاري انيڪ ڪهاڻيون پکڙيون پيون آهن. اڪيچار ڪردار وڪريا پيا آهن ـ جن کي لکت ۾ آڻڻ لاءِ وقت ۽ سڪون جي ضرورت آهي، جيڪي کيس ڪڏهن به نه مليا. ثميره جي زندگيءَ جو آخري دؤر اداسين ۽ پيڙائن جو دؤر هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ثميره جڏهن ڪلڻ لڳي هئي ته موت جي سرد ۽ کهري هٿ سندس زندگيءَ جو ڪتاب ئي ٻپي ڇڏيو. ثميره جي ڪهاڻيءَ جي انهيءَ ترتڪڙ واري پڄاڻيءَ سان، ذهن اڃا تائين سهمت نه ٿي سگهيو آهي ـ ۽ شايد ڪڏهن به نه ٿي سگهي.

هن ئي سال اسان کان نامور علمي شخصيت نواب نور احمد خان لغاري، مشهور تعليمي ماهر ڊاڪٽر غلام حسين جعفري، اديب ۽ شاعر آغا عبدالنبي ”عليگ“، مشهور شاعر محمد جمن هالو ۽ ناميارو سنگيت ڪار بينجو نواز بلاول بيلجم به اسان کان وڇڙي ويا آهن. تعليم، ادب ۽ فن جي دنيا ۾ انهن بزرگن ۽ ساٿين جون ڪيل خدمتون ڪڏهن به وساري نه سگهبيون ۽ سندن ڪميءَ کي سدائين محسوس ڪيو ويندو.

●سنڌي ڪتابن کي ملڪ اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر ڦهلائڻ گهرجي، جيئن نوان پڙهندڙ ڪولي سگهجن. سنڌي ادبي بورڊ ان ڏس ۾ عملي قدم کنيو آهي، ۽ ان جي شروعات سنڌ جي گاديءَ ڪراچيءَ کان ڪئي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب ڪراچيءَ جي هيٺين بڪاسٽالن تان ملي سگهندا:

1. آريا مهر بڪ شاپ انو يرارٽي روڊ.
2. فيروز سنس بندر روڊ.
3. اقبال بڪ ڊيپو سمرسيٽ اسٽريٽ صدر.
4. مڪتبہ اسحاقيا جهونا مارڪيٽ.
5. مدينہ پبلشنگ هائوس بندر روڊ.
6. رايل بڪ ڪمپني ڪوآپريٽو مارڪيٽ صدر.

7. ٿامس اينڊ ٿامس فريئر روڊ صدر.

8. پاڪ-امريڪن ڪمرشيل انڪ، ايلفنسٽن اسٽريٽ.

9. شيخ شوڪت علي اينڊ سنس بندر روڊ.

10. ونڊسر بڪ اسٽال اينڊ ڪتاب محل ايلفنسٽن اسٽريٽ.

هاڻي اهو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي گهڻگهرن جو فرض آهي، ته هو اهي ڪتاب خريد ڪري ٻوليءَ ۽ ادب جي سرپرستي ڪن.

● ”مهراڻ“ هن ڀيري به دير سان آيو آهي. جڏهن ته مهراڻ جنهن اداري پاران ڇپجي ٿو، ان ڪي پنهنجي پريس آهي، ڪمپوزنگ ۽ بائنڊنگ سيڪشن پڻ آهي. سنڌ جي سرموڙ اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن جو سهڪار به مهراڻ کي حاصل آهي، تڏهن به مهراڻ دير سان آيو آهي، ڇو؟ انهيءَ سوال پڇڻ جو اوهان کي پورو پورو حق حاصل آهي. انهيءَ دير جا ڪارڻ ڪهڙا به هجن، پر توهان پاران انهن کي بهانوئي سڏيو ويندو - پر ايتري پڇڻ جو حق مون کي به آهي، ته توهان کو اهڙو سوال پڇيو به آهي؟ ڪنهن اخبار ۾ اهڙي ڪا خبر، ڪو بيان يا ٺهراءُ آيو به آهي؟

- امداد حسيني

جا تــو گهيڙي گَهـٽَ، ماڪرياڙي، ميڙا،
اِن ڪُنڍيءَ ڪڍي ڪيترا، نيئي پچاڙيا پَٽَ.

ـ شاهه ڪريم

# شاعـــري

# مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

## غزل

●

هي معصوم تنهنجو شباب، الله الله،
هي حسن نظر بي حجاب، الله الله.

جوانيءَ جو عالم، هي عارض جي سُرخي،
پيالن ۾ ڇڻ ڪو شراب، الله الله.

ڪڏهن پيت توسان ٿيندي نہ ڪنهن جي،
جوابن ۾ آهين جواب، الله الله.

ندامت جي لُڙڪن تي بخشي ڇڏيو تو،
حساب الله الله، ڪتاب الله الله.

زماني ۾ همراز اڪثر نہ آهي،
اڪيلائيءَ وارو عذاب، الله الله.

لبن ۾ اٿئي آب حيوان جو چشمو،
ڪرين ٿو نہ ڇو فيضياب، الله الله.

اي مولا جا 'طالب'، مبارڪ هجيئي،
جو مرشد مليئي بوتراب، الله الله.

●

سور سلبا لاءِ کنهن با جگر جي اڳيان،
خبرون کڙيون ڪيون، بي خبر جي اڳيان.

جي هجي شاهه چنگيز و تيمور لنگ،
هرڪو ور ٿو جهڪي نازور جي اڳيان.

دوبدو جي ٿئي ٿي ٿي ڪا ڳالهه ٻي،
پو چوان ڇا مان پيغامبر جي اڳيان.

هرڪو مشڪل بنا دير وسريو وڃي،
پيش ٿيڃي ٿو جو چاره‌گر جي اڳيان.

خود روي ليٺ اوجهڙ ۾ ويندي وئي،
ڪوله هلپو ڪڏهن راهبر جي اڳيان.

هڪ نظر جي ٿي ڪا دير آهي فقط،
ويٺو آهيان مسيحا جي در جي اڳيان.

ڪاله هر ڳالهه ڪنهن جي هلي ٿي سگهي،
دلربا جي اکر ۽ سکر جي اڳيان.

مشڪ عنبر مان پديو اچڻ ٿي لڳي،
منهنجي محبوب واري پگهر جي اڳيان.

آب ۽ تاب آن جا ويا ختم ٿي،
هن فقط ڪيو تبسم ڳُهر جي اڳيان.

زلف دلبر جي رُخ تي ڪري جو پيا،
سمجهه شام اچي وئي سحر جي اڳيان.

سارو عالم اکين کان ٿي گم ٿي ويو،
رشڪ جنت اچي ويو نظر جي اڳيان.

’طالب المولى‘ جي درد کي ڇا چوان،
آف ڪبي ڪانه ديوار و در جي اڳيان.

— عباسي شهيد اسپتال، ڪراچي
25- آڪٽوبر 1975ع-

●

ڪک پن ۾ منهنجو دلربا ظاهر ظهور آهه،
جيڪو لٿو ڏسي ته سندس ئي قصور آهه.

بالا بلند مالڪ شرح صدور آهه،
مجبور اهو جو صاحب ڪشف القبور آهه.

احساس ۾ وسي پيو، محسوس ٿو ٿئي،
هر وقت جيڪو حد نظر کان به دور آهه.

هردم پوي ٿو پرتوو حسن حبيب جو،
والله منهنجي واسطي دل ڪوهه طور آهه.

انسان ڪري ٿو جيڪي سو بيوس ڪري پيو،
هردم سندس شعور اندر لاشعور آهه.

جيڪو چڱي ڪرڻ جو ٿو بدلو بدي ڏئي،
سو گرگ گرگ زاده و ابن غرور آهه.

اي ساقي بس نگاهه سلائي ڪٿي پيار،
پائي به تنهنجي هٿ جو شراب طهور آهه.

رند قدح نواز سدا اهل دل ٿئي،
دلق ريا جو پائي، آهو بي حضور آهه.

هر وقت تي اذان جا مسجد ۾ ٿي اچي،
غفلت شعار لاءِ اها بانگ صور آهه.

ليت بُري اي 'طالب المولىٰ' ئي ٿي ته پوءِ،
عمامه و مصلهِ سراسر فتور آهه.

— عباسي شهيد اسپتال، ڪراچي.
29- آڪٽوبر 1975ع.

●

جور و جفا ڪيان ٿو، مهر و وفا جي بدران،
دلبر عطا ڪئي هي، ڪهڙي خطا جي بدران.

مون ظلمتن ۾ هردم، تنهنجو ڪيو تصور،
اي رشڪ ماهرويان، بدرالدجا جي بدران.

جي خوش لساني لاهي، رک گفتگو تہ جاري،
دشنام ٿي ڪٿي ڏي، دلبر دوا جي بدران.

الله ٿون بہ لاهين، ۽ مان نہ ڪو فرشتو،
ڪجھ راتيون وهايون، ياد خدا جي بدران.

هڪ پيار جي عوض ۾، هيڏو وڇوڙو ڪاٿيم،
جڻ روح ۾ رُلي ويو، آدم حوا جي بدران.

ساقي فڪن لڳاهون، جنهن دم ڪٿي ٿو دلبر،
پيرمغان بہ ڦٿڪي، هن خوش ادا جي بدران.

ڪيئن ريش باز ڪن ٿا، واللہ ريش بازي،
انسان سان ڪن وفا شل، دلبي دغا جي بدران.

منهنجو جنون ٿوڙي، هڪدم ڇڏي سيئي،
زنجير جي هجن ها، زلف دوتا جي بدران.

مشام ٿيو معطر، سمجهي ويس حقيقت،
آيو سندس تنفس، بادِ صبا جي بدران.

خوش رکئو آهہ آن کي، مغموم ٿئي نہ هرگز،
کريان ٿو نغم خوالي، آهہ و بُڪا جي بدران.

روئي حبيب ڪافي، منهنجي مطالعي لاءِ،
ياسين و طہ و اليل، ۽ والضحيٰ جي بدران.

مولا ٿي پنهنجو 'طالب'، هت هيٺ رک هميشه،
تنهنجي ٿي ڇانو ڪهرجي، مايہ هُما جي بدران.

— هالا

14- ڊسمبر 1975ع

●

دردن غمن کي ڪيئن ڪري ڪانئي ڪپائجي،
او خود ڪفيل راج و محن ڪجهه ٻڌائجي.

چهرو چغل ٿئي ٿو، ڀلا آن کي ڇا ڪجي،
سوز ۽ گداز عشق جو ڪيئن لڪائجي.

حاذق جو وس هلي نٿو مجبور ٿي پيو،
اي ساقي دل جي آگ تي پاڻي ڪو لائجي.

صحرائي زهد ۾ اڙي زاهد کي ٻوڪ گل،
لُڙڪن جو مينهن خشڪ زمين تي وسائجي.

ويجهو اچڻ جي لاءِ به تيار جو ٿئي،
غيرت چوي ٿي تنهن ڏي قدم ڪيئن وڌائجي.

جنهن کي ڪجي ٿو خويش سو بيگانو ٿيو وڃي،
دنيا ۾ پاڻ کي به نه پنهنجو بنائجي.

حجرو ۽ خانگاهه نه جائي پناهه پئي،
رلدن سان ميڪدي ۾ ٿي عزت بچائجي.

اي بُت فروش آٿ، آٿي تون دل فروش ٿي،
ڪنهن بي نياز آڏو وڃي سر جهڪائجي.

ونئو جي ڪنهن کي آهه ڪر دشمن کان انتقام،
اخلاق پنهنجي پاڻ ۾ ويتر وڌائجي.

پي پي وري به پيئجي، مستي اندر اچي،
ساقي کي پنهنجي نرگسي ڪهُورن سان گهائجي.

وعده خلافي 'طالب المولىٰ' نه ٿي سگهي،
هن سان نڀائبو پيو ۽ پيو نڀائجي.

— ڪراچي

3- جنوري 1976ع

●

اڙي واعظ، هي ميخانو اٿئي، مڪتب تہ ڪونهي ڪو،
هتي تنهنجو ڪو هر مسلڪ ۽ هر مشرب تہ ڪونهي ڪو.

اچڻ ڏيو محتسب کي پل، اچي رلدن سان ڳالهائي،
الهي لئہ مان ئي بس آهيان، اهو مرهب تہ ڪونهي ڪو.

گرفت زلف پيچان يعني دليا کان رهائي ٿي،
اهو زندان عشق آهي، مگر لاڪب تہ ڪونهي ڪو.

مستان گهرائين شيخ شهر جي هن خرقہ بازي کان،
اهو تو جهڙو هڪ انسان آهي، رب تہ ڪونهي ڪو.

سوال ئي ڪولہ ٿو پيدا ٿئي، فرقہ پرستي جو،
ٿو جنهن کي عشق چئجي، سو پلا مذهب تہ ڪونهي ڪو.

پلا دل چو ٿي ڌڙڪي اڄ، پلا دل چو ٿي ڦٽڪي اڄ،
متان ناگاهہ دلبر جو ورد امشب تہ ڪونهي ڪو.

اچي پئي بوئي خوش، مي خوش مان ان جي مون کي مستي ۾،
متان منهنجو ئي لب ساقي جي زيرلب تہ ڪونهي ڪو.

عصا و جبہ و دستار زيب تن لہ ٿي سگهيا،
خرافات جهان سان منهنجو ڪو مطلب تہ ڪونهي ڪو.

او رشڪ مشتري، او سعد اڪبر چو لہ آئين تون،
پلا وعده شڪن اڄ ماهہ در عقرب تہ ڪوهي ڪو،

هلال عيد بيحد خوبصورت ٿو ٿئي، والله،
مگر هر صحبتو هو غيرت غبغب تہ ڪولهي ڪو.

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت 'طالب المولي'،
تہ پو مخدومي دليا ۾ وڏو منصب تہ ڪولهي ڪو.

ـ راولپنڊي

25- مارچ 1976ع

## شيخ اياز

# وايون

( 1 )

وڄون وڄهي ور،
ڪڻسن سنجهه ڪڪر،
ٻوند نه وسي ٻٽ تي.

ڪولاڙن ۾ ڪلڙا،
ايندا ڪنهن ڪي ڪر،
ٻوند نه وسي ٻٽ تي.

واجهه وجهي ٿي آءٌ ڏي،
ور ور ٿيي ڏر،
ٻوند نه وسي ٻٽ تي.

مٺن مٺيها ڪيترا،
پار نه آڏرن پر،
ٻوند نه وسي ٻٽ تي.

سڄڻ! ساوڻ ساهه اڃ،
پسُ هي پٽ پڌر،
ٻوند نه وسي ٻٽ تي.

( 2 )

آرَ اڪاري ڪيرُ،
نه ڪنهن ناوَ نه ترهو.

کهورُ کهٽائون کهاٽ تي، پوءِ به نه پٽُ تي پيرُ.
ڪيڏو ڪاروليار آ، ڪيڏو واڳُن ويرُ.
کهوريا جيئڻ ڏينهڙا، ساجن سنگ سڌيرُ.

(3)

رَتا موليهه مَٿن،
ٻالڏي منجهه ٻَٿن،
او شل! ڏسان ڏيهه ۾.

رڳو جيءُ جلائيو،
وَر وَر جهوٽ جَتن،
او شل! ڏسان ڏيهه ۾.

ڏاکها ڏور، ڏهاڳيون،
ساڳيو مَرمُ لٽن،
او شل! ڏسان ڏيهه ۾.

موٽيون سِجَ اُڀار سان،
اچڻو ليٽ آٿن،
او شل! ڏسان ڏيهه ۾.

(4)

ٻَڌيءَ تِتّ لئه اڄ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا.

ڪاريون راتيون ڪَسوَٽيون،
پَلُ پَلُ ڪوڙو ڪَچ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا.

جهانجهر آڇي مون ڇَوَن،
'ليچ لڳر ۾ لچ'،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا.

جيئڻُ جهيڻي ٻاهڙي،
مَچُ لئه ساڳيو مَچُ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا.

(5)

ڪوهہ نہ آيم ڪَنڌَ،
آئون تن جي آڏَ،
ڇَپَرُ ڪالهہ ڇڏي ويا.

وَر وَر ڏينڊم ڪيترا،
اوٺي ڳوٺي وَڏَا!
ڇَپَرُ ڪالهہ ڇڏي ويا.

آءٌ، آهيان ڏاکڙا،
هُو جي ڏونگرَ ڏَڍَ،
ڇَپَرُ ڪالهہ ڇڏي ويا.

(6)

لڪون لالُ ليارَ،
ڪيرُ ڇُميندو چاهہَ مان؟

ڳولهي لڌا ڪولہ ڪَرَ، ڪُلهي ڪوڏيا يارَ.
جوٺي جَڳَہ جي او ميان، ڪوڙي سارَ وِسارَ!
توڙي ڏونگرَ ڏاکڙا، پنڌَ، پَراهان پارَ.
ڏاهي ڏُکَ نہ آئُڙيا، ويڳاڻا ويچارَ.
سان ۽ سُنهنجو پنڌڙو، ٻي ڪنهن ڪوهُہ ميارَ.

(7)

جيڏيون! جنهن ويرا،
وءُ لَنگيا پيرا،
مان ڪئن ڇيٺنديس جَتَ" ري!

توڙي ڏونگر چوٽَ تي،
ڏاکهن جا ڏيرا،
مان ڪئن ڇيٺنديس جَتَ" ري!

پَٽُ لڳي ٿو پَٽَ جان،
کهڙا ڪانڊيرا،
مان ڪئن جيئنديس جَتَ ري.

پيرا هن پنهور جا،
ماٺهو سڀ ميرا،
مان ڪئن جيئنديس جَتَ ري.

( 8 )

تون نہ وسين پيي يار، سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

پيڪون ماهون سير جي،
پنجن کوڙ پتار، سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

پرکين ٿو مون کي سيان،
ويهي پاڻ پرارا سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

روز جهڪائن جيءَ کي،
واڪيتهل ويچار، سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

اپ ڪهي اوڙاهہ جا،
پُرَن ڪنُ ڪهار، سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

ڌار بہ هولهي، الهہ تون،
مون کان مٺور نہ ڌار، سون
ڏينهن نہ الهي ڏمَ سان.

( 9 )

آرٽِ لئه اوسيءَ آنَ،
آجُ ڇا ڪان ڪاپاڻتي؟
ڇَرخو ڇو هيئن ڇُپ" آ؟ اڱڻِ ايڏي سُنَ ا
ڪالهوڪيون ڪاپائتيون، ڳرڪايون ڪنهن ڪُنَ،
وِيهُ ا وِلڪيءَ ٽَڪُ مان، ڇَپَن لائي ڇُنَ.

( 10 )

ساجُهر تـوڙي سَنجهه،
سپنا ساڳيا ساهه ۾.

ڪهڙي ڪارونڀار ۾،
هَٿَ آئين ئي وَنجهه،
سپنا ساڳيا ساهه ۾.

ڪولج اڳي جان ڪيت جي،
ڏات اڳي جان ڏَنجهه،
سپنا ساڳيا ساهه ۾.

جيون-جُڳنو چمڪيا،
اج ڪي اکين مَنجهه،
سپنا ساڳيا ساهه ۾.

( 11 )

جيءُ جَهپايو آپَ،
ماڪَ پوي ٿي مانگهه جي.

رَهڙن ٿا جڻ چنڊ جو،
چيهرو اوچا ڊَپَ،
ماڪَ پوي ٿي مانگهه جي.

ڏرتيءَ ۾ دهڪن پيا،
ڪيئي ڳاڙها ڳَپَ،
ماڪَ پوي ٿي مالگهه جي.

# نياز همايوني

## گيت

گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان!

راهون ڪيئي ليڪن مون کي،
ڪا به انهن مان راس نه آئي،
جن راهن ۾ ريت نه ڪائي،
تن تي ڪيئن مان پير ڌريان...

صبح صدا جان آيو ويو پر،
شام وڄڻ جي ڪال ڪري ٿي،
رات وري ٿي جان جهُري ٿي،
هاءِ الا، مان ڪيئن ڪريان...

آس نراس جي آڌيڙن ۾،
ويتر ٿي تقدير آڏائي،
تدبيرن ڪئي ڪانه سڌائي،
اونده آپڙي اوريان، پريان...

جن مان وسي ٿي دل جي دليا،
ديد وري ٿي پڻ ديدن ۾،
آءُ انهن ئي آسيدن ۾،
آئندي جا پيو رنگ پريان...

گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

## ماهيا

اسين جو ڳيئڙا دم آلهي آلا،
هليا ويندا سي ڪٿي ڪو غم آلهي آلا!

منهنجي در تي چنبيليءَ وَل ماهيا،
گل ڳهوري وٺان توتي ڳهوڙي تہ جهل ماهيا.

ڪُنڊيون پروان تہ منهڙا چپ بالو،
اسان ترسون ڪيئن، تہ وٺ سانديل سپ بالو،

آيو آسر لهي ويو چنڊ ماهيا،
تنهنجي اوسيئڙي پيهان ويٺي جنڊ ماهيا.

کهُلي هير تہ آئي کهِل بالو،
اسان پنڪيءَ ۾ پڙهيا ليڪن نفل بالو،

آڏيءَ ويلي اولڏاها ڳس ماهيا،
بالو پڇندي وتي تنهنجا تارن ڪان ڏس ماهيا.

بازار وڪامي ڪچ بالو،
متان ڪنهن جي نظر لڳني، ماڻهن کان بچ بالو،

اٿي ڪک جي هيٺان لک ماهيا،
منهنجا نيڻ شرابي، اچي چُڪڙي تہ چک ماهيا.

سائي بوتل ۾ لال پري بالو،
مُند ورلدي جواني اہ ورلدي وري بالو،

ساري لوڪ ستي جهُلي چِٽ ماهيا،
بالو ڪيئن جيئي جنهن کي ڳچيءَ ۾ ڳٽ ماهيا.

سائي سرنهن تہ پيلا گل بالو،
دل ڪانہ ڪٿي؛ ڪٿي اکڙين پَل بالو،

باريا جبل تي جوڳين مچ ماهيا،
لڙي آءُ ڳهڙي تہ ڪي ڳاڙيون ڳچ ماهيا.

آٽ مَهري تہ ليري جهُل بالو،
تنهنجي ٺهڪن مان ٽڙيا ٽانگر جا گل بالو،

منهنجي اڱڻ سساڳ جو وڻ ماهيا،
مان تہ پنهنجي نہ ٿيس تون تہ منهنجو بَڻ ماهيا.

ٻڪي گهوڙي ڪلاهي تل ٻالو،
ماڻهو ٻهجي ويندا، لوڏي ڀاڻهن ۾ هل ٻالو،
ڪيا ڪنوڻين ڪيچ آتر ماهيا،
مان صدقي وڃانءِ ايڏا ماڻ نہ ڪر ماهيا.

تنهنجي شهر ۾ رنگ محل ٻالو،
تو جو پاتو ڪجل تي پيا ڪيئي قتل ٻالو،
اڄ پير حضور تي تيل ماهيا،
منهنجو اڱڻ اونداهو اڃي ڪنوڻ جان ڪل ماهيا.

تنهنجي ڳل تي ڪارو تر ٻالو،
ڪيلي ليڻ نہ ڪڻ، ويندو ڪنهن جو سر ٻالو،
سائو سرينهن جو وڻ ماهيا،
چٽي آهيان ڳل جان اچي مون کي ڪڻ ماهيا.

پڪيون ڪٽڪان تہ سونا سنگ ٻالو،
تنهنجو آرس ائين جڻ انبڙات ونگ ٻالو،
پڪي وينا وڃي وڻ تڻ ماهيا،
چنبڙ اپريا لٿا، آئين تون نہ اڱڻ ماهيا.

پڪي وينا وڃي وڻ تڻ ٻالو،
ڪم ڀاڻهن سيرانڌي لڳم تنهنجي آڻ تڻ ٻالو،
آيا ڪينجهر تي ڪهي ڪنگ ماهيا،
اسان سڪ نہ سمهياسي سڄا سيج پلنگ ماهيا.

اڃها وڻ تان اڏائي هل ٻالو،
اسان سرندامي ڀر مرادي نہ دل ٻالو،
ڦٽي پوکن ڀاسي جهل ماهيا،
سنڌ آئي وري اچي هاڻ تہ مل ماهيا.

ڍڪيا ماوڪ مارا ڀت ٻالو،
تنهنجا پور ائين، جڻ ڀاري جي سٽ ٻالو،
منهنجي ڪاڏيءَ تي هلڪو چڱهہ ماهيا،
مون کي پوريءَ ڏلکيو، اچي ڦيٽو تہ وجهہ ماهيا.

# تنوير عباسي

## ٽيج جا ڳوُها، شعر

( 1 )

ماضي سچ ڪڙو هو،
جڻ ڪو مڏ پروڪو.

جيڪو خواب ڪلهوڪو،
سو ئي سچ اڄوڪو.

سيڪو سپنا ماٺي،
سايا ماٺي ڪوڪو.

اسان ملائڪ لاهيون،
او لوڪو! او لوڪو!

ڪل چٽڻ جو ڪاٺي،
تو آواز ٻڌو ڪو؟

( 2 )

ٽيج جي ڳوُهي جيان،
شعر لڪتو ذهن ماڻ.

جڻ ڏينهون ڪو ڪُٽليو،
جڻ ڦُٽيء آ منهن ڪڍيو.

جڻ ته اڪ ٽُٽڙو آڏيو،
واء تي ترندو ويو.

( 3 )

سياري ٻنَ چٽڻ،
چٽن ته تنهنجون ڳالهڙيون،
چنبڙي دل کي ٻوڻ.

سياري جهڪو درياهه،
جيئن لهي درياهه تيئن،
چڙهي وڃي ٿو چاهه.

سهاري ننڍڙو ڏينهن،
جيئڻ ننڍو ٿئي ڏينهن تيئن،
وڏي وڏو ٿئي لينهن.

( 4 )

پنڌ آهي پري،
پنڌ آهي پري.

تيسين ترسي ته پئو،
ڏينهن جيسين ٺري.

جيسين سوٽي اچين،
ڪو جيئي، ڪو مري،
پنڌ آهي پري.

شال سوٽي اچي،
تون لڱين سون ڳري،
پنڌ آهي پري.

(5)

ڇم ڇم، ڇم ڇم، ڇمڪي ڇير،
آيو ڪير،
منهنجي اڱڻ ۾.

هي ڪهڙو تي ويو آ جادو،
وايومنڊل سارو خوشبو،
سُرهي سانجهه سوير،
آيو ڪير،
منهنجي اڱڻ ۾.

گوئجيا گوئجيا گيت ڪٿان هيءُ،
سازن آلدي ريت ڪٿان هيءُ،
هي ڀِڻ ڀِڻ جا پير،
آيو ڪير،
منهنجي اڱڻ ۾.

ٻاهر ۽ اندر آئينو،
جرڪي دنيا، جرڪيو سينو،
لهي ويا سڀ ميرُ،
آيو ڪير،
منهنجي اڱڻ ۾.

(6)

جي سنهن منابوَ، سري وياسين،
۽ جي اهاريوَ ته جي پياسين.

ٻه جام پي ۽ ڏنو اوهان ڏي،
ته جي هٿاسين، سو ٿي پياسين.

ڏئي سين اولڌهه، اندر سڙي پيو،
ڏيٺا هٿاسين، ٻري پياسين.

شهر اوهان جي اڇي خبر پئي،
ٻُڌيا هٿاسين، ٻُڌي پياسين.

(7)

مون توکي هٿ ڏنا،
ان لاءِ ته ڪم ڪرين،
۽ تون انهن هٿن کي،
کهڙيءَ کهڙيءَ هر ويلي،
دعا جي لاءِ کڻين!

(8)

ڪيتريون سهڻيون صورتون،
تنهنجي صورت ڪٿي؟

ڪيتريون سُهڻيون مورتون،
تنهنجي مورت ڪٿي؟

شهر جي شور ۾ تنهنجي آواز کي،
مان سڃاڻي وٺان،

تون گلن ۾ اڪي جي وچين توکي
ڄاڻي وٺان،

هيءُ نُوري نظارا لڪائي سگهن ٿا
نه توکي ڪڏهن،

منهنجي دل تان مٽائي سگهن ٿا
نه توکي ڪڏهن.

گوڙ ۾ گم ته پي توکي گهوليان پيو،
توکي گهوليان پيو، توکي گهوليان پيو.

( 9 )

توڻ ياد اچن ايئن جيئن هير ڳهلي ٿي،
اڇاتي خوشي جڻ منهنجي جهوليءَ ۾ جهلي ٿي.

جڻ ساک ڀوي ٿي، ۽ ڪا ٽڏڪار ٽٽي ٿي،
جڻ صبح ٽٽي ٿو، وري مڪڙي ڪا کلي ٿي.

ايئن پيار جي هڪار وڃي ٿهلجي جڳ ۾،
جڻ شهر ۾ افواهه ٿي ڪا ڳالهه هلي ٿي.

( 10 )

سوکهڙي تي ساوڪ آئي، ساوڻ مينهن پيا،
توسان نينهن ٿيا.

ڳاڙها پيلا لامي نيلا، جڻ ڪي ڳل ٽڙيا.
سڌر سڌر هٿي سالت ائين جڻ ڪيئي ساز ڇڙيا.
ڪين وريا سي، جيڪي اونهين اکڙين منجهه ڪهڙيا.
مڱ پي نه لڌيا ڪڏهين سي، توکي ڏسي ٽڙيا.
رات اسان جي من جي آپ تي ڪيئي چنڊ ڪڙيا.

( 11 )

ڪهڙين ۾ رڌون ٿا،
ٽڙون ٿا پڙون ٿا.

ڪهڙوني ڀيون ٿا،
۽ ٿورو جيئون ٿا.

جي الزام اچن ٿا،
ته چپ چپ پڏون ٿا.

اتان ٿو ڪٿي جڳ،
اسان جت چڏيون ٿا.

اوهان ڏي ڏسون ٿا،
غزل جڻ لکون ٿا.

اوهان پٿرن کي،
اسان ٿي ڪهڙيون ٿا.

( 12 )

هيءَ ڪنهن جو لاش آ،
جنگ جي سيدان ۾،
ڪهڙو پاسو زور ٿيو،
ڪهڙو پاسو گهٽ ٿيو.

ڪنهن جو رت هاريو ڪهڙو،
ڪنهن جو رت آ گهٽ وهيو.

ڪنهن کي ڏڪ ڳورا لڳا،
ڪنهن کي ڏڪ ٿورا لڳا.
ڪنهن کي ڳهرا گهاوَ ٿيا،
ڪنهن کي هلڪا زخم ٿيا.

ڪير آ ڪڙجي ويو،
ڪنڌ ڪنهن جو آ جهڪيو.

ڪنهن تي بم برسيا گهٽا،
ڪنهن جا گهر سڙيا گهڻا.
ڪهڙي پاسي جا گهڻا،
ٻار ٿيا آهن يتيم،
ڪنهن طرف رب ڪريم.

ڪهڙي پاسي باھ گهٽ،
ڪهڙي پاسي آھ گهٽ.
ڪهڙي پاسي سور گهٽ؛
ڪنهن طرف مجبور گهٽ.

هيءَ ڪنهن جو لاش آ،
جنگ جي ميدان ۾.

هن جي پاسي آ ڪٺيو،
يا الهيءَ هارائيو،
هي ٿيو آهي شهيد،
يا جهنم ۾ رسيد.

رحمتون ڪنهن تي وسيون،
لعنتون ڪنهن تي وسيون.

هيءَ منهنجو لاش آ،
ٿوري آن آهي ڪٺيو،
يا انهيءَ هارائيو—
هيءَ منهنجو لاش آ،
هيءَ منهنجو لاش آ.

هن ٽڪو آهي ڪٺيو،
۽ لڪو هارائيو.

مات ٿياسون تون ۽ مان،
مات ٿي انسانيت،
سر جهڪائي شرمسار،
بيٺي آ رحمانيت.

ابراهيم منشي

## گوني ۽ پيچاري

گولي پيچاري لياٿيون، ٻنهي متي مهراڻ جون،
لاڙ سان لائون لڌائون لهرين ڏني لاڻ جون.

ڄامشوري ۾ ڄميون هي پنهنجون ٻنهي جاڙيون،
ڪهه وجهي ڳوڻن تان لاٿئون ڳنڍيون ڳل ڳاڙهيون،
سالڪين جي سرزمين کي ڏيئي سايون ساڙهيون،
واهه وِڪ وِڪ تي وٺائيون والڪين جون واڙيون.
والڪين جي وات ۾ وايون سنڌ جي واڪاڻ جون.

پاڻ تن جو پرجهلو، چيندل چڱو وچ ۾ وهي،
هي لنئو لينگر پنهنجي ڪسان رات ڏينهن رڙهندو رهي،
تڇ اسڙ جمي ڳسر رسائڻ لئه سوين سختيون سهي،
ٿي ٻڪا پاسا سنڌ هو تو ڪتان جو ڪٽ ڪهي،
پنڳرا ميمڻ واري پونءِ کي ڏي پريون ڳو پاڻ جون.

ڪس وٽي ڪولي ٽندڙي ۾ ماٽليءَ وِچ مان مٽي،
ڪجهه ڏندي کي ڏند ڏيکاري ڀري پوٽن ڏي ٽپي،
لانگ وارا ور وجهي وهندي وڃي وارن وٽي،
ڪن ڪمي ٽي ڪين ٽو ڪاهڙ سندس ڪٿيو ڪٽي،
سوبسو سالڪين رسائي سوڪڙيون سرهاڻ جون.

پٽ پٽيهر پائي ٻيچاري ٻڪن پنهنجن پري،
ٻين ڪان ٻاڪر ڇڏائي سهٽي سيريءَ ڪان سري،
ڪس وٽي ڪنجندي ڪنجي ڪان ٻانهن ٻلالن ڏي ٻري،
دل دڙي جي ۾ ٽي داخل، چاهه ڏاڍي سان چري،
چوطرف ڇهري سندس چمڪن ڏچون چانڊاڻ جون.

دم دَڙيءَ ٻڪ ۾ ٻڌو جر جال ڪئين جاتي اندر،
چوهه مان چوليون هٽيو چلڪائي جر چاتي اندر،
آج ابائن جي آججهائڻ لئه اصل آتي اندر،
جهنگ جهر جهالار جهم ڪيا هن ته هڪ جهاتي اندر،
جابجا جرڪي آئيون ڪيئن جلوتون تنهن جواڻ جون.

وانگين ڪي وڻا وروڪي هل ڪري هٽ جون هٽي،
ڏوڙ ڏارين ڪي ڪرڻ لئه ڏگ اٿ ڏرتي ڏٽي،
پاڪ پنهنجي سرزمين تان ڪر تون پاپين ڪي پٽي،
ڪيسين ڪوٽن سنجهه "منشي" ڪنهن جي ڪٽڪي ڪاسٽي،
راڪ جون رڪڙيرن ٻڌو آيون رتون رت چاڻ جون.

## نعيم دريشاڻي

# وائي

لفظن جي لپاڙ،
سنڌي شاعري اڄ جي.

گوشت بنان پوڙ، هڏا اکيچار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

چوسيل ڳنيديريون پنهنجا خيال، عقل بيمار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

ڏنگن ڦڏن لفظن جي رڳو پرمار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

ڪوهي ڏيڏر پنهنجا شاعر، اديب فنڪار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

اردو، پرشن، هندي جي چوري چڪار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

ٻالتي، ڪوئٽي،* تُلسي جهڙا سارين ڪي يار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

لئون پَٽ، انوکو پَٽ، پنهنجو پَٽ، ڪٿي پوتار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

ڪٿي ڪٿي جرڪي ٿي خوشبو چاشني دار،
سنڌي شاعري اڄ جي.

لفظن جي لپاڙ،
سنڌي شاعري اڄ جي.

# فينامينن PHENAMENON

جيوت جو

فينا مينن

چڻ ته هڪ

مها چڪر

جيڪا پاڻي سان

تمثار هجي

(پاڻي = وقت؟)

هيتي ڇهوس

جتي ڇهوس

لهرون ڪڙجي

ويندون

سڄي چڪر

ڏکي ويندي

ڪنبي ويندي

سڏڪي ويندي

ڏوڪي ويندي

سارو فينا مينن

جيون هر رنگ ۾

روپ ۾

هن ذرڙيءَ تي

مين ڪائناتن

جي ذرتين تي

ڳنڍيو پيو آ

مسلسل

سلسلو آ

هڪ پئي ۾ حل آهه

پيچلُ، راهُ ڏياڇُ

راهُ ڏياڇُ، پيچلُ آهه

جيوت

مها فينا مينن

۽ هيتان جو ايذاءُ

هُتان جو ايذاءُ

وچ ۾

رکو کهکاءُ

پنهنجو سوداءُ

سندن گهاءُ

"ن ۾

پنهنجو ساهه

ميں جو

اسان ۾ ڏاهه

هڪ مها فينامينن

## ڪتبو

نعيم دريشاڻي

ولـــه

عبدالمجيد دريشاڻي

جـــم جي تاريخ: 5- آڪٽوبر 1941ع

وفات جي تاريخ: نا معلوم

هيءُ شخص ڏاڍي سُڪون

سان

گذاري ويو

چو ته

هيءُ شخص

هيپو ڪيرٽ ڪولڊ هئو.

# خوشبو

ڪالهه
هڪ چونڪ تي
هڪ گلاب
رڙيون پئي ڪيون
وڏي واڪ
چئي پئي
"منهنجي خوشبو
تمام اعليٰ
آهي
آءٌ بي مثال آهيان
لازوال آهيان
اڙي ڇسا لوڪو"
ويجهو وڃي
ڇا ڏسان
ڪاغذ جو
گُل هئو
پريان ويچارا
سچي خوشبو وارا
گلاب
ماٺ بيٺا هئا.

# انتظار

ٽ ٽ
ڙ ڙ
و و

ڪري ٿيو
منهنجي روح
جو عرق
منهنجن اکين منجهان.

منهنجو سارو وجود
هڪ سهاڳڻ
جيڪا آهستي آهستي
پئي پڄجي

منهنجو پلو صحرا
منهنجو جسم
جڻ جنڊ ۾
ڪڻڪ.

# اڻ مرحوم(1) شفيق* دريشاڏي

(الف)

آءُ هڪ آواز
ٻنا
الت يا آغاز
زله کي ٻڙلاءُ
موت اڻ ٻڙلاءِ
پري دور
ڪروڙين روشني(2) سال
ٻري
ڦسارن(3) جي ديس ۾
پيو جهُري
ڀُسي
وڏي
ڀڪڙي
ڦهلي
سمٽي
ڦلابازيون کائي
ڪڏهن چورس
ڪڏهن ٽڪنڊو
ڪڏهن وڻ
ڪڏهن ڇيپ.
ڪڏهن ماڻهو
ڪڏهن تارو
ڪڏهن سج
ڪڏهن مها سج
ڪڏهن نيبولا(4)
ڪڏهن پلسار(5)
ڪڏهن ڪائنات
جي دل
پريشان
ڪڏهن ڪربلا
ڪڏهن پاڻي پٽ
جو ميدان
ڪڏهن ٽڏو اڻ جان
ڪڏهن پاڻ
سبحان

---

(1) اڻ مرحوم=جيڪو ظاهراً وفات ڪري ويو آهي، پر درحقيقت اڃان جيئرو آهي. *ڀاءُ شفيق جي ڳالهي. (2) روشني سال=Light Year آهو مفاصلو جيڪو روشني هڪ سال ۾ پورو ڪري ٿي. روشني سال ۾ ڇهه ٻلين ميل ڪندي آهي. (3) ڦسار Quasar. (4) نيبولا Nebula (5) پلسار Polsar=اهي ڪائناتن جا قسم آهن. پلسار آهنا ڪائنات Galaxy آهي جيڪا ڀُسي ۽ ڦوندجي ٿي.

پيو مرڪي
پيو سڏڪي
ڪو آواز
جنهن جو
زندگي پڙلاءُ
موت اڻ پڙلاءُ

(ب) اندران ٻيهہ تہ
اندرانئون(1)
ٻاهران ٻيهہ تہ
ٻهرانئون(2)
وچ ۾ رڱو ليڪو
زندگي هڪ گول
موت اڻ گول

(ث) جڏهن مرون
پورجون
ڌرتيءَ جا جيئوَ
فنگاءِ(3)
اسان جو ماس
کائي
پنهنجو ماس
ٺاهن
(ماس=نائٽروجن، آڪسيجن، ڪاربن ۽
اهڙا ٻيا جُزا)
سنڌڻ ماس
ٻوٽا، وڻ
پنهنجي وجود ۾
جذب ڪن
وڻ، ٻوٽا،
جانور کائن
اسان انسان،
وڻ ۽
جناور کائون
وڻ جيڪا
آڪسيجن
ٺاهن
اها اسان
اندر ساهہ کڻون

---

(1) اندرانئون=Concave. (2) ٻهرانئون=Convex. (3) فنگاءِ=Fungi.

هيءُ نظم سون Hristopher Biri ۽ Peter Tompkins جي ڪتاب The Secret Life of Plants کان متاثر ٿي لکيو آهي.

ان
آڪسيجن سان
اسان ڪاڏل
ماس
پنهنجي ماس
۾ بدلايون
اسان جي
ٻاهر
خارج
ڪيل
ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ
ٻوٽا ڪم
آڻي
ڌرتيءَ جي
جيوَنِ
فنڪاءِ
سنجهان
پنهنجو ماس ٺاهن.

(ت) زندگي
هڪ گول
مسلسل مدار گول
هر جيوت
اڻ جيوت
هن ڌرتيءَ تي
هن ڪائنات
توڙي
سين ڪائناتن
منجهه
هڪ ٻئي ۾
مدار
ڳنڍيا
پيا
آهن.
ڪو ڇيڙو ناهين
اڻ ڇيڙو ناهين
رڳي گولچ آهي
دور پولارن ۾
ڪَرڪي ڪا
گولچ آهي
اسان هڪ آواز
ٻنان
الف يا آغاز

# خسيس پٽو

هينيبال
سڪندر
جوليس سيزر
بروٽس

عيسيٰ
گوتم
اشوڪ
نيپولين
لينن

اسٽالن
هٽلر
چرچل
ڊيگال

نڪسن
مائوزي تنگ

ڪيترا عظيم انسان
آيا ويا

مون انهن بابت
۽ ٻاري
پڙهيو
ڏٺو
سوچيو

۽ هاڻ آءٌ
ڪنڊ ۾ ويهي
خداوند عظيم جا
ٿورا مڃيندو آهيان

جو مون کي
هڪ خسيس ماڻهو
ڪيائين.

1977/2-1ع



مهرڻ

# ذوالفقار راشدي

## شعر

سوچ جي ڳئي جهول مان،
خيال جي کهول مان؛
هورا ڪورا هول مان،
گمان جي جهول مان؛
پنهنجي ڏيان-ڪاڻ مان،
وهم ڪجهه ڏٺا آهن: شعر سي ٻڌا آهن،

روح جي غبار تي،
اندلشي آپار تي،
ڏيان جي قطار تي،
چٽڪ ملمي مينار تي-
مخملي ڇهاءُ مان،
شيشا ڪي ڇُٽيا آهن: شعر سي ٻڌيا آهن،

ڪهڪشان جي نير مان،
منڊوندي سير مان؛
چاندوڪيءَ جي ڪير مان،
۽ ڏکڻ جي هير مان؛
مون اندر جي اونگهه ۾،
گيت ڀي سُٽيا آهن: شعر سي ٻڌيا آهن،

رڻ جي رات پساهران،
سوت جهڙي چپ چپات؛
پر اندر ۾ هات تات،
چنگ جهڙي لات بات،
پرڪار رُت، بسنت مان،
ڏيک ڪي وڻيا آهن: شعر سي ٻڌيا آهن

ڏوهه ڇا، ثواب ڇا!
هت سزا نه ڪا جزا،
ڏهاڳ ۽ سهاڳ هڪ،
هاڻ داغ داغ آ؛
ڪلڪ جي چنهب مان،
رت ڦڙا ڇڻيا آهن: شعر سي ٻڌيا آهن.

واقعن جي پانهڻ مان،
حرف حرف ڪي ڪوري؛
ڏيان گيان سان پرکي،
هنر جي ٽُريءَ توري؛
لفظ لعل پويا مون،
هار سَوَ-ڪٺيا (1) آهن: شعر سي ٻڌيا آهن.

هي عدم جي اوجهڙ ۾،
ڪي صديون سڙيا آهن؛
گيت پوءِ جنم ڏلم،
هر ڪنهن پڙهيا آهن؛
ليڪ منهنجي جيري جا،
زخم ڪنهن ڳڻيا آهن! شعر سي ٻڌيا آهن.

سوچ لوچ، اوک ڊوک،
پرت، پيڙ ۽ پچا؛
وقت جو سماءُ سُڌ،
سُرت، ساءُ ۽ صدا؛
عشق جو مشڪ ۽،
حسن جي مڻيا (2) آهن: شعر سي ٻڌيا آهن.

ڙنهڪيءَ جي پوک مان،
سون بچايا تي ڪڻا؛
حادثن جي جهار ڪان،
بچي سکهيا پر تي ڪڻا؛
ڪالبو پائي ڪندڻ ۾،
ڪنب (3) مان لڌيا آهن: شعر سي ٻڌيا آهن.

---

(1) سَوَن ڪڻن وارا. (2) جوهر. (3) سنهن ڪنڊيءَ جي وڻن جو ڪهاڙو جهنگ.

او متوالا راهي،
پنهنجو پاڻ کي پرکي ڏس تون،
تنهنجي ڪهڙي آهي هستي،
ڇا آ تنهنجي قوت، طاقت!

تنهنجو اندر، جوت جو آ لافاني مندر؛
تنهنجو من آ ازلي جوتي،
جڳمڳ جڳمڳ ٻرندڙ مشعل،
جنهن کي واءُ، واچوڙا، ويري.

۽ دنيا جي ڪابہ طاقت،
ڪڏهن اجهائي ڪانہ سگهي آ،
نڪائي اجهائي ڪا سگهندي.

چٽ-چالبوڪي، سوڀ جي ساکي،
اونداهيءَ ۾ آهي اجالو،
دوکي جي ڇاتيءَ ۾ ڀالو.

چٽ-چالبوڪيءَ جي تون، راهي،
وِک وِک جوت جلائيندو هَل،
واٽن کي جرڪائيندو هَل:
منزل توکي پاڻ سڏيندي،
قُربئون تُنهنجا پيرا چُمندي.

# شهناز ميمڻ

## نظم

●

منهنجي خطا اها هئي جو،
ظلم کي ظلم سمجهيم،
۽ ——
سچائيءَ جي سوچ جو اظهار ڪيم.
هي صبر جو ثواب هيو؟
يا ——
دل تي ڪو عذاب هيو؟
مون ظلم کي مٽائڻ چاهيو،
مون ظلم کي هٽائڻ چاهيو.
جي هٿ ڪپجي ويا تہ ڇا ٿيو؟
اڃا سوچ جي تکي تلوار باقي آ.

●

زندگي ڇاهي؟
هڪ سنهري سپنو——
اکيون کليون تہ،
ناهي ڪجهہ بہ!
رڳو اونداهہ.

●

دل جي ڌڙڪڻ جو سنگيت
سُڏڪي مانو ٿي ويو نيٺ
زندگيءَ جو ساز ڀڄي پيو
۽ ڪي آلاپ پنيان رهجي ويا!

## الطاف عباسي

# ٻادل سج ڪان پاسي ٿيءَ

### ڇـُهاءُ

پنهنجي هٿ سان وِهُ ڏني، تون سون کي سارڻ ٿي گهرين

ڇڏ مٺي!
ايتري سادي ناهين
ڇا سچي اڻڄاڻ آهين؟
ايترو ڄاڻين لٿي
زهر کي امرت ڪندو ڇـُهاءُ.

### تنهنجا ليڻ ننڍا ڪڙا

تنهنجا نيڻ ننڍا ڪڙا
چپ ڄڻ ڄاڙا چنڊ
ڳيتا ڄڻ ته شفق
ڳچي جهڙي ڪوانج جي.

ڇوڪريءَ جهڙي ڇيلهه
مينو سنڌوءَ لهرون
جسم نرم ۽ ڳاڙهو
جهڙو مينهن وساڙو
پوءِ ٻه پڇين ٿي
ايڏو اُتو ڇو آهين؟

### سچي ڳالهه

ڏاڙ هڻڻ جو فن مون ڪوله سکيو آ
آپ تان تارا لاهڻ منهنجو وس ناهي
ڪِڪب جون خوشيون تنهنجي پيرن ۾ اڇلڻ آ ناممڪن
پر او سونهوُن سهڻي
جي تون چاهين
توتان پياري ۾ پياري شيءِ گهوري ڇڏيان
اهو به مون کان پڇندو ڪونه
ڪيئن سگهندم توتان گهوري توکي ئي

### ڇوٽي

سڀ چون پيا:
”ڇريو آهين
پنهنجي پنهان پيو آهين
نانگ کي کير پيو پيارين
توکي ڏنگي وجهندو!“
”مان چوان ٿو:
پلاءِ کير نه پياريانس
ته پوءِ ڪونه ڏنگيندو ڇا؟“

### ساٿي

پريءَ دليا ۾
منهنجو هڪ ئي ساٿي آهي
جيڪو مون سان گڏ رهندو آ ڏک سک ۾
منهنجو ساٿو مون کان ڌار نه ڪر
ٻادل سج کان پاسي ٿيءُ.

## سحر امداد

# نينهن ڇڇڻ نہ جهڙو

جيستائين!
تنهنجي منهنجي وچ ۾
مٽي مائٽن جون
گهوريندڙ شڪي اکيون
اوڙي پاڙي جي مس پس،
اشارا ڪنايا—
وقت بوقت آفيس ۾
نڪرلدڙ سرڪيولر جون ديوارون
ڪيترن ئي گهڻگهرن ۽ دوستن جا مشورا ۽ نصيحتون موجود آهن

تيستائين،
تون ۽ مان
نصيحتن ۽ مشورن تي سُرڪندي
اشارا ڪنايا لنوائي
شڪي اکين سان ڪوڙا بهانا ڪري

سنڌوءَ جي ڪناري
ديويءَ جي ڇانوَ ۾
ملندا ئي رهنداسين

ڀٽ جي ڏور جيان
تنهنجو منهنجو
نينهن
ڇڇڻ نہ جهڙوا

## آد

آ انهيءَ سولهن پري سانجهه جي
هر منظر کي
روپ جا راڳ سمورا امين ارپي ڇڏيون
پور ۽ سُور سمورن کي وساري اي سڄڻ!
البدلتي رنگ جا آرس تاڻيون
۽ الهيءَ پل جي حياتيءَ کي امرتا بخشيون!

## وچ

رات
۾
مون
جيان
اولاڌهين ڪنڊائن ۾
قيد
تنهائي
ڪاٽي
رهي
آهي.

## انت

دل ته چاهي ٿي
سڀ ٿو يت مان هٽي
پاڻ رتوڇاڻ ڪري
—لال لهو منهن تي مليان

ميز تي جو به ڪتاب آهي اهو تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيان
جهول ۾ منهنجي جهايل
شاهه جو آهه رسالو، ته انهيءَ جا پنا
هڪڙو هڪڙو ڪري ڦاڙي ڇڏيان

(لڙڪ جي روئي سگهي ناهيان
آهي اڙڪ آسائه.
هيسيل هاڻ جيان هاري ڇڏيان.)

دل ڪي شيشي جيان اڇلائي
رڙيون دالهون ڪري
نڪري وڃان
ڪٿ ٿيڻ لاءِ، ڪنهن اولداهي بن ۾!

(سروم دڪم دڪما)

## امداد حسيني

# ڪمپوزيشنس آن...

(ترائيل)

جاڳي رهيا ستارا، ۽ تون سُتي پئي آن
۽ پن آگرين ۾، سگريٽ ٿو ٻري پيو
رُت ريت ڪاڻ سمجهين، ڪيڏي نه بي ڇتي آن
جاڳي رهيا ستارا، ۽ تون سُتي پئي آن

ڪهڙي هُيين نه اڳ ۾، ۽ ڪئن نه ٿي وئي آن
۽ سور پور پالي، من ڏير ٿو ڏري پيو
جاڳي رهيا ستارا، ۽ تون سُتي پئي آن
۽ پن آگرين ۾، سگريٽ ٿو ٻري پيو

### ٽيڙو

تنهنجو سهڄ سياڻ،
سُرڪ جي لُوڻ-ٻُرڪ—
مون وٽ کهرو کهاڻ.

●

ڪالهه هيٺي هو چنڊ،
اڄ آئي اونداهه جو—
مانڊيءَ منڊيو منڊ.

●

مون ۾ ڳڻ نه ڪوبه،
تنهنجي واتان—
ٻڌڻو پيو اهو ب.

### (پرهه پسڻ کان پهرين...)

پرهه پسڻ کان پهرين پنهنجو پيرين پسڻ مون
چاهيو هو

اونداهيءَ ۽ اوجاڳي سان مون ڪيڏو سينو ساهيو هو
پر هيءَ ڪاري رات
هُن جي وارن والڪر ڪپيل لاهي
۽ هوءَ سُتي پئي آ
سورج وارن منجهه لڪايو
ڪرڻا اکڙين منجهه سمايو

## رولڙي ڪان پوءِ

تو سوا
جيترو عرصو جياسين
جاڙئي جاني جاسين

۽ جڏهن
تنهنجي ٽڪي پيارا پياسين
چڻ جڳن جي رولڙي ڪالپوءِ ڏانيڪا ٿياسين!

## اورار — پرار

تون پرين ڦٽ پاٽ تي بيٺي هُئين
وچ روڊ تان
دريا ترڻڪ جو وهيو پئي

ٿورڙي ويجهي سِلي
الڏَ مان تو لُوهڌَ پاتي
انڏَ مان سون لُوهڌَ پاتي

بريڪ جا چيرڙات ٿيا
ٽائرن رستي تي ڪيسالو چڏيو
ڪوڙ ٿيو، ماڻهو ميڙيا
۽ پنهي پاسان ترڻڪَ بيهي وئي

تون آئي، هٿ هٿ ۾ ڏئي
ڦٽ پاٽ ڏي ڪُهلندا هلياسين...

## ٽي شعر

لينهن اوهان سين لايوسين
چهري تي رنگ آيوسين

ساروڻين جي سڪن ڪي
سيني ۾ چنڪايوسين

جڏهن تنهنجي ياد آئي
چپ ڏندن ۾ آيوسين

# شرجيل

## پـڳل ڪجھارت

هي جيون ڇا آهي!
جهڙو اڻ چٽو
ڪو سپنو آهي شايد!
هي جيون ـ ڪا ميجيل حقيقت ته ڪالهي
هي ته نابود احساس جي بي اثر ڪهاڻي آهي
هي جيون،
ڪنهن، خيرات جي ذلت جو احساس به ڪونهي
جڏهن،
منهنجي وجود جي پـڳل ٽتل درين مان
منهن جيون اڪيون ڏسنديون آهن
منهن جا ڪن،
فضا ۽ هولار جي
دل ڏاريندڙ، خاموشيءَ کي
واجهائيندا آهن.
منهن جا هٿ،
درين جي پـڳل ٽتل،
صدين جي پراڻين ڪاٺين کي ڇهندا آهن،
تڏهن،
منهن جون ساٿيون
۽ وڏوا حيسون
مري وينديون آهن
مري وينديون آهن

## ورڪـــا

مان وڃائجي ويس
تون وڃائجي وَئينءَ
هيڏي ساري ڪوڙ ۾
هشامن ۾
جڻ ڪنهن معزز مهمان جي آڌرڀاءَ لاءِ
ڪنهن، بي رحم جي هٿن ۾
ٻن ڪلن وانگر هٿاسون
آڇلايا وياسون
ڪيرايا وياسون
چيپاٽيا وياسون.

قاضي خادم

# مان وارياسي جو گل

## ڏوهاري

ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن،
جن کي نه ڪرڻ بهتر آهي.
مان سمجهان ٿو،
ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن،
جن کي نه سمجهڻ بهتر آ.
پر مون کي ڪنهن تي وس ڪونهي.
خود منهنجا خيال به باغي بڻجي منهنجي آڏو اڀرن ٿا.
۽ مان هنن سان اک ملائي ڳالهه ڪرڻ جي قابل ناهيان.
مان پنهنجن ئي احساسن جو ڏوهاري آهيان.

## خوشبو

گل به پنهنجي لاءِ ٽڙن ٿا،
ڪير هنن کي ڪالر ۾ يا ڪاريءَ چوٽيءَ ۾ هڻندو؟
اهو سوچڻ گل جو ڪم ناهي.
گل پنهنجي خوشبو ۾ گم آهي.

## لٿون وقت

هوائون اتر ڪان اچن ٿيون،
ڏکڻ ڪان اچن ٿيون.
ڪڏهن ڪهڙي صورت،
ڪڏهن ڪهڙي صورت،
اچن ٿيون ۽ اينديون رهن ٿيون.
پيلن پنن کي وٺن مان اکوڙي،
نئين وقت کي جاءِ ڏينديون رهن ٿيون
هو ايندیون ئي رهنديون.

## ڌرتيءَ جو ٻار

احساس اٿم،
هن ڌرتيءَ تي،
مان واريا سي جي گل والڪي،
اِي خوشبو ھنجي وڃو آهيان.
جيئن مور ٿلي ويرانن ۾،
۽ ڪوبہ ڏسڻ وارو نہ هجي،
ڪو ڏاهو چڻ بيگانن ۾،
۽ ڪوبہ ٻڌڻ وارو نہ هجي،
تيئن منهنجو رنگ بہ اِي رنگ آ.

## گمشدگي

هڪ ڪوڙ انڌر ۾ ڦٽڪي پيو،
هن رات جي پوئين پهر ۾ جيڪو زهر پريل آهي،
هو ان جا ڍڪ پري وينو؛
۽ سچ جي ڍونڍھ جي ڍير مٿان هو ڪوڙا ڪوڙا ٿهڪ ڏئي مرڪي ويٺو،
هو چاهت جا ارمان ڪٽي ٻاهر نڪتو،
۽ واريا سي ۾ ڪم ٿي ويو.

## تاريخ

وات تي مون کي هڪ ٻوڙهي جهور ملي،
هن مون ڏانهن اهڙيءَ ريت ڏٺو چڻ الڏي هئي.
مون هن ڏانهن اهڙيءَ ريت ڏٺو،
چڻ ڪجهہ نہ ڏٺم.
پر هي سمجهيم،
هن سڀ تي ڏٺو،
چڻ چاتائين تي،
مون کي ڪهڙيءَ واهہ وڃڻ کهرجي؛
هن مون کي منهنجي غلطيءَ بابت ڪولہ چيو،
هوءَ گولڪي هئي-

# نسرين جوڻيجو

## نيري نڀ تي سونو سج

### حوصلو

آب اکين ۾،
ڳل تي ڳوڙها،
مک تي زهري مُرڪ،
درد ڀڌل ۽ لقلي لقلي.
منهنجو جيون،
سپنا سپنا:
اڪڙيل اڪڙيل، هيسيل هيسيل،
پيو ڀڄندڙ
آڪرا ڀتورا سپنا،
ڇهڪ ڏني ٿي ساڀيان دل کي.
منهنجون سوچون:
وياڪل وياڪل.
منهنجا جذبا:
چورا چنا.
من تي سونجهه ۽ –
بار هنئين تي؛
ڪير پياري!
پيار پري ڪا، مرڪ سوالي،
لڙڪ اڙن ٿا،
جن جي پويان،
اجڙيل ڪوهيل،
منهنجا سپنا.
هيڏانهن هوڏانهن،
ڀٽي واجهايان،
جهاتيون پايان،
ليڪ نماڻا
ڪنيو لهاريان،
سَنَّ ڪا مرڪ ميلي!
جهول جهلي مون،
تنهنجي آڏو،
ڀڏو اٿون تون –
وڏو سخي آن،
پوءِ زمانا،
منهنجي جهولي،
خالي خالي،
چڻ ڪنهن،
منگتي جو ڪشڪول.
مرڪ ڪٿان ڪان آڻيان؟
لڙڪ ڏيان مان ڪنهن کي؟
ڪوهه له آهي مرڪ ڏلي جوا
ڪوهه نه آهي لڙڪ اکيي جو!
آب اکين ۾،
ڳل تي ڳوڙها،
مک تي مرڪ ۽،
اندر سارو آڳ جو ڪورو،
جيون سارو،
اکرا ڀتورا سپنا،
پوءِ به مرکي وڏا وڏا،
مان تهڪ ڏيان ٿي،
خوش رهان ٿي.

## دليا

هيء دليا
ڪجهه وَئِي
ڪجهه ڏِنِي
مون کي
به ته
لڙڪ ڏنئين
مرڪ کسي!

## سهاڳ

ليري لپ تي
سونو سج
ڪڏهن لهي
ڪڏهن چڙهي
جيون جي جهان ۾
هي سهاڳ جو سج
رکو لهي
لهندو ئي وڃي!

## خواهشون

من منجهه سانڍيل
هي خواهشون
اڻ جهليون
اڻ سليون
ذهن سان ڇهنيل
چڻ چڙرون
پوءِ به
اسين
تن کي
پنهنجين سوچن جو لهو پياريون.

## ملڪ نديم

# مقبول جو مرثيو*

●

منهنجا پٽ،
تون بہ هئين،
انهن لکن
پورهيتن جي اولاد والگر
جيڪي مرندا آهن
تنهنجي موت والگر
سٺي خوراڪ نہ ملڻ ڪري
پوري علاج نہ ٿيڻ ڪري
گهربل سنڀار نہ لهڻ ڪري —
جن جو ناهي ٿي سگهندو
لاڳيتو علاج،
جيڪي سينيٽوريم ۾،
داخل ناهن ٿي سگهندا —

............

سوڪلاڻي ويل،
ساري رات
عذاب سهندي سهندي،
بيماريءَ جا
تنهنجي اکين ۾ ڏورانا هئا
شايد اهي
تہ "مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهيس"

اي ڪاش،
تون وڏو ٿئي
"مان ڪجهہ نہ ڪري سگهيس"
جو سبب سمجهين ها.

............

تون ڏسين ها،
سهڻا سهڻا ڊاڪٽر،
دولت جا غلام —
تون ڏسين ها،
سهڻيون سهڻيون اسپتالون.

●

ڏنوانن جون خدمتگار

............

تون ڏسين ها،
پنهنجا رتول روشن ڪرڻ خاطر،
هزارن گهرن کي اونداهي ڏيندڙ،
ڪامورا،
جيڪي وٺندا آهن پروموشنس
ڏالن جي زور تي،
ها ڏالن جي زور تي —

............

---

* پنهنجي ابهم ٻار جي مرڻ تي.

# "ٻون" سنڌي

## لهندڙ لهر — ويندڙ وقت

سنڌو جڏهين ڪنڌيءَ تي ٿي چوهه سان ڇوليون ماري،
منهنجي دل ٿي ساري توکي منهنجي دل ٿي ساري.

وير سان گڏ ان وقت جي وير اچي ٿي ذهن تي آيري،
هاءِ! تون ۽ مان ٻئي ملندا هئاسين سنڌو ڪناري.

ياد اٿم اهي روح رهاڻيون ۽ قرب ڪهاڻيون پيارا،
جنهن نڀائڻ جا ٿي ڏيندا وچن هئا واري.

چالڪي جهڙين چٽين راتين ۾ دنيا کان بي پرواهه،
ڪين نه ڇڏيندا هاسين پنهنجون پيار جون ڳهڙيون کهاري.

وقت وري جو ويري ٿيو ۽ اهڙو واءُ وريو جو،
تنهنجي منهنجي وچ ۾ وڌو، فرقت جي پٽ بيهاري.

من ويڳاڻو رهندو آهي، اوسيئڙي ۾ اڄ ٻئي،
پر تون ساجن ڪوله اچين ٿو، هاڻي سنڌو ڪناري.

بن بن پڪي، ٻن ٻن ۾ مون جهاتي پائي پُڇڪيو،
پر تن گولڪن ڪاله ڏٺي ڪا مون ڪي ورلدي واري.

لهندڙ لهر ڪنان ڏٺي تنهنجا، پار پتا مون پُڇيا،
ڏس لـ ملي ٿو، وقت وڃي ٿو، لوڻ ڦٽن تي هاري.

ڇا منهنجي پيڙا جي توکي، ڪا سڌ ناهي سائين؟
لهندڙ لهر، ويندڙ وقت جيان تون وئين يار وساري.

ها پر پيارا، جت ٻئي هوندين، روئي پوندو هوندين،
سنڌو اينديون ويندڙ هونديون توکي ياد ڏياري!

## نصير مرزا

### سپنو

هيءُ جو ڏسان پيو سندر سپنو
سالجهيءَ ٽاڻي
ساڀيا ڪڏهين ماڻيندو

انگَ اگهاڙا ٻُڪيا ٻارَ
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ٻَڪن ڇو پيا
هٿ هٿ ۾ ڪشڪول سين ڪي
بک جي جنڊ ۾ پيسجن ڇو پيا
ماءُ جي ڀانئين ڇاتين ۾
ٿڃُ ۾ ڪڏهين موتي ايندي!

هيءُ جو ڏسان پيو سندر سپنو
سانجهيءَ ٽاڻي
ساڀيا ڪڏهين ماڻيندو

پوري ڀاڪ ڦٽيءَ جي ڪارڻ
جاڳي جهاڳيو رات جو رڻ
سانت ستارا گم سم چنڊ
آٿي ڪوني ڀاريو ڀارڻ
هين ڌرتيءَ تي ڪڏهين سائين
سورج سُک جو چڙهندو!

## سارنگ

واءُ لڳن، پَن" ڇڻن
پرين پنهنجا ياد پون
ڇوهه منجهان ڇوليون ڇُلن
ڪنارن جا چپ" چُمن
لنگيون ننگيون ٽاريون پسي
اندر سان اڌما ٿا اٿن
هوائن جي ڏُنن تي ٽيون
وڻَ وڻَ جون ٽاريون لڇن
دل ٻه ترڻ چاهي جڏهن
جَرَ تي پيلا پن" ترن
ٻاس بدن ۾ آڳ لڳي
واءُ جڏهن جسم ڇُهن
ڪنن ۾ سوساٽَ هوا جا
ڪائي ڪجهڙي ڳالهه چون
پيلا پيلا پن" هوا ۾
ڪنهن شاعرَ جان ٿا رُلن
واءُ لڳن، پن ڇڻن
پرين پنهنجا ياد پون

## رفيق

### غزل

سوريءَ سر سٽيندا سين، ٻازي پوءِ به کٽيندا سين.
لوڪ ڪٿي مصلوب ڪري، توڪان منهن نه مٽيندا سين.
اچي بهار ٻلي ته گلن تي، حال ڪي اسين به ڦٽيندا سين.
جيڪو ويري آ سنڌڙيءَ جو، ان جي پاڙ پٽيندا سين.
ڪيسين ٻار ڪلهن تي رهندو، ليٽ ته لاش لٽيندا سين.

## امين ٿيٻو

### غزل

گهايل من جو گهايل گيت، ڇا لئه ڇيڙين او منگيت.
سونهن لکتو ساري من جو، جنهن کي سمجهين پنهنجو ميت.
هيرا سوتي هرڪو چاهي، ماڻهوءَ سان ڇو ناهي پريت!
ٻٽڪ ٻه ڏس هي آهه ٻار، ٽڪ ٽو ڪيهي ڏيٺي گيت.
ٻتوري ٿينه ي نيث 'امين'، جوني جڳ جي کوٽي ريت.

## نظام الدين "زائر"

### غزل

قرب حاصل ٿيو آ منزل جو، حال آهي عجيب اڄ دل جو.
ڏيئي ان جي هٿن ۾ خنجر ڪي، حوصلو سان ڏسان ٿو قاتل جو.
دل جي عيوض گهران ٿو مان توکي، مختصر آ سوال سائل جو.
اڄ سسي لاهي ڇڏ، جي حسرت ٿيي، امتحان ٿو وٺين تو بسمل جو.
منهنجي دل تي ڪري سدا مون سان، ذڪر خلوت ۾ تنهنجي محفل جو.
هاڻي طوفان جي دل ۾ حسرت آ، ڪنهن کي ارمان آهي ساحل جو.
عشق جي زندگي ۾ اي "زائر"، ڪنهن کي احساس آهي مشڪل جو.

## اَياز گل

### غزل

درد جنهين ۾ لاهي دوست! سا دل پٿر آهي دوست!
منهنجيءَ دل ۾ پيار آ تنهنجو تنهنجيءَ دل ۾ ڇاهي دوست؟
جيونُ سُهڻو ٿي پوندو آ ڪوجي، ڪنهن کي چاهي دوست!
ڪوڙين قُرب اوهان جا آهن کهڙا لاهيون، لاهي دوست!
ياڪِ ته پنهنجي وَس ۾ آهن ڇڏيا ڪنهن ڏينهن ٿاهي دوست!
سچُ ته پٿر تي ليڪو آ ڪير آنهيءَ کي ڊاهي دوست!
ميريءَ قاتل جهوليءَ ۾ هڪڙو ٻيي گُل ٿاهي دوست!

# ”تاج“ جويو

## غزل

### ( 1 )

ڏات جي ڏيهه ۾ رات ٿيڻي نه آ،
گيت، سنگيت جي مات ٿيڻي نه آ.
سوچ جا گُل ٽڙيا، سونهن جو سج ڦُٽو،
روشني، روشني، رات ٿيڻي نه آ.
اڄ قلم جي رکڻ لڄ وڏي ڳالهه آ،
سُنڌ ذهن ۾ پرڀات ٿيڻي نه آ،
ٻاک جي ساک کڻ، پرهه ڏي پيرُ وجهه،
سچ جي سُونهن خيرات ٿيڻي نه آ،
لينهن نورا ٻڌايا، اڄايا سَوين،
ڪيئن چوان، برهه-برسات ٿيڻي نه آ؟
همسفرا تون سِڪن تي چِڪن ٿي پئين،
ڏاتِ-ويڪوءِ سان ٻات ٿيڻي نه آ.
تو چپن کي سِبيو، سوچ کي تو کُٽيو،
سوچ ساڃي سندم، گهات ٿيڻي نه آ.

### ( 2 )

جتي سُونهن، سرهاڻ جي آ خُدائي،
اُتي ”تاج“! ڇڪجي امان اک اڙائي.
پتڻ پيار واري تي پهتس پُڄائي،
سدا جت ورهائي وڃي ٿي سچائي.
جنين سُونهن سان ساهَہ پنهنجا سلهاڙيا،
اَمرتا اُنهن جي ٿي پاڳي ۾ آئي.
وَنين کي وسيلو بنائي وڻ جو،
ڪَنڌيءَ لينهن جي ناوَ شاعرَ لڳائي.
اڃاتي حقيقت، اڳاتي صداقت،
اکين جي اشاري اسان کي ٻُڌائي.
جتي جڳَ وارا جبينون جهُڪائن،
اُتي ”تاج“ ڪيئن سر جهُڪائي، پتائي!؟

# "عاجز" اُجڻ

## بيت

ڪَڙو آهه ڪَڪوهُه، سَتان پيئو ڙي وينگسو،
جالي ويندو جيئڙو، رَجهي ويندو روح،
پوءِ تان سنجهه صبوح، لشا هرلدو نينهن جا.

پيتي جن پَري، وَتي وِهه ڳاڏئين،
"عاجز اُجڻ" انهن جي، سري ريءَ نه سري،
ڪندا ڪين ڪَڪوهه ڪان، پاڻئون پل پري،
جيسين ڏيل ڏري، تيسين لاهن ڪين لبن تان.

هلي تنهنجي هَٽَ، سوڪي ستارا آئيا،
ڪڙي تنهن ڪَڪُوهه سان، وٺڻ آيا وَٽَ،
"عاجز" چوي عشق ۾، سر ڏنائون سَٽَ،
ڀوريل سَتيئون پَٽ، تہ وَتيون پيون ڪي وِهه جون.

هوڪا آهن هَٽ، وِهه پيو ڙي وينگسو،
جي آتَوَ اَج ازل جي، تہ ويهي وٺو وَٽ،
ڪڙي هن ڪڪوهه مان، قلبئون لاهيو ڪٽ،
"عاجز اُجڻ" جيئڻ اڃي، سرو هاسي مٽ،
تہ لَهَنَوَ جيءَ جهنجهَٽ، لشا ڏينَوَ لينهن جا.

سوڪي تي چوڪي، ستارا سري ويا،
"عاجز اُجڻ" عشق جي، آهنڊ لڳن اوڪي،
سمجهڻ نہ سوڪي، سَولي ڳالهه سري جي.

# خاڪي جوڻيو

## ڪنڊي پنڊ پهاڙ ۾

سرتيون ساهه ڏيان، شال مران،
ڪنڊي پنڊ پهاڙ ۾!
چاڙهي لڱ لڪن تي، پرزا پاڻ ڪيان.
راڳو ڏيئي رت" جو، سارو روهه رڱيان.
لوئي لڱ لهوءَ ۾، هاڙهي هڏ هڻان.
’خاڪي‘ پائي ڪرڪنا، پرين ڪين پڄان.

# "بشير" سيتائي

## منهنجا گيت گيان

ساڻهو آءٌ مهان،
مورک منهنجي مام نه ڄاڻن.
آهيان پنهنجي عزم اٽل تي، آزلئون هڪ انسان.
پنهنجي ٻانهن جي ٻَل تي، آءٌ وڏو ٻلوان.
ڪانئر جنهن کان روز ڪنبن ٿا، سوئي مان سلطان.
ساڪي منهنجا چنڊ ستارا، سڀ منهنجو ڄاڻن مان.
ڪنز قدوري ڪو نه پڙهيا مون، آءٌ اڻسکي ودوان.
جيون ڪارڻ جهيڙي ۾ مان، ڪيڏو جنگ جوان.
مان نه جهڪان، سوميس لمايان، آهيان سچ سمان.
مور "بشير" نه سمجهن پورا، منهنجا گيت گيان.

## "منير" گهانگهرو

### ٻوٽ جهڙا پل

وقت ڏئي ڪسيندو آ، ڇو؟ ٻوٽ جهڙا پل،
ڪنهن کي ڪهڙي ڪل!
ونجارن جيان ورندو ناهي، وقت وري پاڳل.
ليٺ نيمن تا روزائين جيئن، برسن کي بادل.
پيار کهلي ٿو واءُ جيان ۽ واءُ تي ڪهڙي جهل.
ڏاڙهونءَ جهڙا نيٺ ته ٿيندا، پيلا پيلا ڳل.

## رسول ميمڻ

### ڏيئا ڏيئا ڏار

ڏيئا ڏيئا ڏار،
وڻ تي وڄ ڪري.
جيڏي وڏائي واچ ڪي، ڪينوڻ اوڏي خار،
وڻ تي وڄ ڪري.
لڱهه اچي ليٽيا، واءُ وڇايا وار،
وڻ تي وڄ ڪري.
ٻٻرن کان ٿا پير کهرو، چڙ تي وجهو چار،
وڻ تي وڄ ڪري.

## ناز سنائي

ڪيڏو ٻنڌ ڪيوم، ٻنهونءَ پير پسڻ ڪارڻ.
ٻشم پير چنا ڙي ٻهڻن، رَت سان روهه رتوم.
ٻچي پُري ويو من جو ڪائو، گهرو گهاءُ سٽوم.
مارڳ منجهه مري وئي مسڻي، سپنو رات لڌوم.

## ميوو خان لاشاري

### وائي

آهيان پريم پياسو، سنڌوءَ جا ڪا سُرڪ پيارا
سڪ جو رستو سڌو سنوانئو، اوجهر منجهه نه ڦاسو.
"لاشاريءَ" کي لهر نه لوڏو، ڏرتيءَ ڏاسو دلاسو.

## غلام حسين رنگريز

### ڪافي

اوسيئڙي ۾ ڪنهن جي او، منهنجا ليڻ ٽمن ٿا.
من ماندو سڌڙن لاءِ، جهوريءَ منجهه جهڄن ٿا.
ٽِم ٽِم، ٽِم ٽِم تارا ڪن، ٽِڪا ٽيڙ لڳن ٿا.
ساهه ڪٺان تان ٻاهه لڳي، جيءَ ۾ جهيرَ ٻون ٿا.

## "عابد" بلوچ

### ڪافي

تو هينئون هيراءِ هٿ ڪيو، ٿرب ۾ ٿابو ڪڙي،
جڙ لڳي جانب سنڌ، جنهن جان وٺين منهنجي جڙي.
ٿئين پريں پرڏيهه پرانهون، وڙ ڪري ڪو ورنه ڪيڻ،
روز مان راهون ڏسان، من لڪي لالن لڙي.
سون اڏايا ڪانگ ڪوڙين، سڌ لڌي سهڻا نه تو،
هُت مزن ۾ تون مگن، هيت روح ٿو تو لئي رڙي.
ڇو پڳي پيرو پلا، وٿين وساري ڇو ولهي؟
مهر ڪر اچ، ساهرو! نه ته ٿيو جيئڻ جنجال ڙي.
تنهنجي اوسيئڙي ۾ "عابد"؛ ٿو گذاري رات ڏينهن،
اچ ته مرچون، پاڻ پرچون، ڪر پلي ڪامي سڙي.

# انور پيرزادو

## نظم

●

توپيل لڪ سان
سڳڙو سوري
ڪنواري ڇوري
پنهنجي منهن سان
والدي ويٺي
ڇا ڇا سوچي-
پاڪ سهاڳ جا
سندر سپنا
ڪيئي جوڙي
ڪيئي ٽوڙي-
پاسي واري ڳهر ۾
وڏيرو
نوٽ ڏني ۽
سنمڪ ٿي
مائيءَ کان هر
ڳالهه مڃائي
سودو ٿاهي
پٺيءَ تان
ڪالو ٽڙي
۽ سُچ وٺي
والدو ويٺو
ڏارثي ڳهر ۾
کهوري ۽
هوءَ ڇوري
پاڪ سهاڳ جا
سندر سپنا
ڪيئي جوڙي
ڪيئي ٽوڙي-

●

پنهنجي دل جي زخمن جو
اڄ هڪ هڪ ٽاڪو
آءٌ اڌيڙڻ چاهيان ٿو،
مون کي پنهنجا هاريل ڳوڙها واپس ڏي
مون کان پنهنجيون ساريون مرڪون واپس وٺ-

تنهنجي مرڪڻ،
مرڪي موهڻ،
موهي مارڻ، واري سرڪڻ ڦاهيءَ سان
سان جنهن ڇڏائڻ چاهيان ٿو،
مون کي پنهنجا هاريل ڳوڙها واپس ڏي،
مون کان پنهنجون ساريون مرڪون واپس وٺ-
توکي تنهنجيون ڪارون بنگلا
سرمائي سان سهڪڻ واريون
سيف تجوڙيون بخش هجن
توسان پل هي ڪلبون سهڪن
بار بون ڪونيون، ڳاڙهيون شيشيون

# مير محمد پيرزادو

## ڏينهن هٿن تا ڏنگ

### (گيت)

سونا سونا سنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جو چولو،
ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو،
ڪنهن جي عزت، شان ۽ شوڪت،
ڪنهن جا آهن ننگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

مرڻ جيئڻ جو ڪنهن جو سوال،
هيٺا هڏڙا هيٺو حال،
ڪنهن جا ٻارَ-ته ڪنهن جي سار،
ڪنهن جا آس امنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

ريج جي عيوض رتڙو هارڻ،
آب اکين کي اهڙو پيارڻ،
ساري ڌرتي-وستي وستي،
ريتا ريتا رنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

پوک پڪل جا سنگ نچن ٿا،
خاموشيءَ ۾ ساز وڄن ٿا،
جهولن جهولن-جهومن ڳائن،
جن تہ هوا ۾ چنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ؟

هر ڪا ڪاٿي ڦُٽي ڦاٿي،
موسم آ چڻ مٺ جي ساٿي،
شالون سايون-سنه ڏڪايون،
جهومن ٿا جهرَ جهنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

جاڙهون ڪاڙهون جهاريون هڪلن،
ورهن جا ٿا وڇڙيل گڏجن،
تن جي لاهين-توريءَ سائين،
ڏينهن هٿن ٿا ڏنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

هاڻ هوا ۾ ڳيچ پَرن ٿا،
چُپ سندا چَپَ چرن پرن ٿا،
سيڄون سايون-سند وڇايون،
ڏول اڇڻ جا ڍنگ،
پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

## منظور ظفر

### گيت

پنهنجي ڌرتيءَ مٿان، پريت جا گيت جهومي جهُملي ڳائجن،
روح ريجهائجن .

سِڪَ ساڳيءَ اندر چِڪَ ساڳيءَ اندر پِڪَ ساڳي وٺي،
ويس ويڇا ڇڏي، گوڏو گوڏي ڪڍي، پاڻ ۾ هڪ ٿي،
چاھ جي راھ ۾، چنڊ چمڪائجن، سُک سَرڪائجن —
سُرُ وڪائجن .

هو ڏسو پيرسن مچ تي موج مان، ڪيئن نہ ڪانيون ڪيڻ،
حبُ مان هڪ ٿي پاڻ ۾ پيهجي، حالَ اورن ولڊن،
پيار پاپوھ مان، سور سرچائجن ڀور پرچائجن —
ڀيچ پيا پائجن .

سينهن ھٺي ٻَر تي، ڌَر جي گهَر تي، ڪنڊيون ڪاهي ڪَنڊن،
ڪوملان سوملان، پٽ تان پيار مان، ڪوڙ ڪنپيون ھٽن،
چڳتَ ڪي چاڳس مان چِڪ چوريون وٺن ڪهوٽ ٿا ڪهائجن —
نينهن ٿا لائجن .

## محمد رمضان "زلفي"

### گيت

صديون گذريون روئنهڊي روئنهڊي، مليو ا، سن جو ميت،
ڪوڙي جڳ جي پريت او ساجن، ڪوڙي جڳ جي پريت .
بسنت وينئي پن-ڇڻ آئي، منهنجو من گهبرائي،
رُت رُسي وئي، تو بن ساجن، ڪير آھا ٻرچائي،
دل ٽوڙائڻ اصلئون آهي، پاپي جڳ جي ريت.
وڻ وڻ آهي ورھ وڪوڙيو، گلشن ٿيو ويران،
تو بن ساجن منهنجي من جي، دنيا آ سنسان،
سُڏڪي پيو سنگيت او سائين، روئي پيو هر گيت.

## ماڻيڪو اوٺو

### گيت

ڪهائل منهنجو من ڪهرائي،
آئين ڇو نه الائي؟

تنهنجي ويندي واٽ نهاريم،    روئي روئي رات گذاريم،
وينديس واٽ وڃائي،
آئين ڇو نه الائي!

گهائل دل کي ڇو ٿو گهائين،    منٿا منهنجي من جا سائين،
ڏک ٿو ڏيل ڏکائي،
آئين ڇو نه الائي!

تنهنجي درشن لئه واجهايان،    پوتيءَ جا پٽي پاند پسايان،
جهوري جان جلائي،
آئين ڇو نه الائي!

## پيربخش پياسي

### چونڪ

ٽم ٽم تارا آپ ۾ ٽمڪن،    سُهڻي هن آڪاس جي هيٺان،
ڌرتي پنهنجي سر تي ڌمس،    جيئرا ماڻهو ڪيئن پيا ٿڙڪن!
ماڻهو ماڻهو آهي نراس،    چولڪ چولڪ گهليءَ گهليءَ ۾،
هيسل هيسل هيڻو هيڻو،    ڪنهن کي ناهي ڪو احساس!
ڏاڍو ڏس ڀر گابو سائين،    ڀورهيت ڇڙ ڇور لفنگو،
ڪٽ تي ڪانئي حڪم هلائي،    سڀ جي هٿ سو بابو سائين.
جنهن جي سيني ۾ آ سور،    سوئي اٿيو سوئي جاڳيو،
تُنهنجي من منجهه مونجهه ۽ پيڙا،    تو کي ڪوله پيو ڇو پور؟
درد منجهان ڪو دونهن دکائي،    چڻنگ منجهان ڪو مچ مچائي،
ويو من ۾ سنهنجي آڳ ڏرائي،    ڇٽو دنهن دي سائين ڪير وسائي

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي روسي زندگيءَ جي وحشانيت جون ڳالهيون لکندي، خيال ٿيندو اٿم ته انهن جي لکڻ جو مقصد به آهي يا نه؟ ڳوڙهي ويچار ڪرڻ کان پوءِ مان انهيءَ راءِ جو ٿيندو آهيان ته انهن کي کولي پڌرو ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهي اهڙيون نجس ۽ ڪنيون حقيقتون آهن، جن کان روسي سماج اڄ ڏينهن به نجات حاصل ڪري نه سگهيو آهي. اهي حقيقتون اسان جي زندگيءَ جي اهڙين پاڙن کي کولي ظاهر ڪن ٿيون، جن کي پڌري ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي ڏک پيڙيل ۽ پنهنجي شرمناڪ جيوت مان پٽي ڪيڻ جي ضرورت آهي. انهن کي هتان جي ماڻهوءَ جي روح ۽ حافظي مان ڪيڻ جي ضرورت آهي.

— مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي
ننڍپڻ ص 282-283

# ڪهاڻيون

ڪڙ-ڪڙ. سُڪل پن لتڙ هيٺ آيل. اٿاهه سرهائيءَ هيٺ، اوسيڙي جو عذاب گهٽيل.
الڪل، ڪوڙو روسامو:
دير ڪيئي؟
اک لڳي وئي هئي
منهنجي اک نه لڳي. سومهڻيءَ کان وٺي پئي واجهايم
پرچاءُ. ايلاز. سيئيون ايلازن جون. ميڙن منٿن ساڻ.
ٽونڪر: شاباس تنهنجي.
وري نه ٿيندو،
الجام
ڏاڙهي
رهاڻ. اڻ-ڪٿ ڳالهڙيون.

پوريل آس چٽي پئي، متل، ماللڏاڻ ۾ اٿل. ويرچنڊ ڪي ڇهڻ لاءِ تڙپڻ لڳي. ڌرتيءَ ڪي پوالتي آئي.
چين جو اڪاءُ:
آچ نه پڇايون
آچ
ساهي ڪار ناهي
اٽڪيل چپون، جهاڪا ڪائيندڙ ساهه. ڪچن جي سگهر جي بوءِ ۽ پيڙين پيتل ساهه ۾ بولائيون.
بس!
ساهي وٺان
وٽ نه ڏينهه ڏي ساڻءِ
ادمبر وچان ايام
وري ساڳي ڪار. هرلوچ سَپڻ جي بولائي. هر بولائي سَپڻ جو ڏنگ. هر ڏانگ آڏيڙيندڙ ساهه. بولائيءَ جي هرلوڏ، حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک-پوٽ. جهر-مر تارا. اونده جي ساگر ۾ ڇوليون. ڇوليون ڊهندڙ-ٺهندڙ. اڻ-ڪٿ سلسلو ڇولين جو. ڪپ ڪي رسڻ لاءِ آتيون. لانگ، لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. وقت بيٺل. ڌرتي بيٺل. ديرو بيٺل. سيڪجهه وڃايل. اوجهل. پاڻ به.

آڏڙيل ساهه پولار ۾ تيز ڪائيندڙ. ويرچنڊ ڪي ڇهي واپس ورلدڙ. ۽ پوءِ ٿاپر.

چوقير مانت. ماٺي ذرتي. ماٺو ديرو. هلڪي ٽڏڙي هير، ماٺن لڱن ڪي ڪتڪائي ڪندڙ. آڊڙيل ساهن کي سنوارينڊڙ.

ڪا مهل ائين —

موڪلايون

وري انجام

ميان هن ويل؟

نه —.

پرهينءَ

روز روز نه ڪُڙڪي نه پوي

هتي؟

يلي

نه ـ ڪينچيءَ واري پل تي

پر

چنچلتا:

چهُ

اکـ نه لڳي وڃي

ڌڀيل ٿهڪڙو. ياڪر. ساٿيون مٺيون لنڊاڪڙيون.

موڪلائي:

وکـ وکـ ۾ ڌهڪو دل جو. جوڪو پيرن هيٺان لتاڙيل، پر وقت جي لانگ ورايل.

اڏڪي ساڻ: ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي. هوشائتيون وکون، تن ۾ ٻيڙا وڌل. سجاڳ من جا ساتيڪا چوڪس حواس. وکـ وکـ ۾ نہ وڇڙي.

سپ سک.

پوءِ: ماٺيل ڳهڙين جي اولڙن تي اڏيل، ساماڻيل سپنا.

پور جهلينڊڙ. جهُوٽن لاءِ آسائتا چڄڻ لاءِ.

وقت ۾ واجهہ وڌل. وقت جميل. رڙهي لٿو. ڳجها ٿڌا ساهہ. آتاولو من، آماڙيون الهر ۾. پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون. ڊالوان ڊول ڪندڙ مانداڻ...

منڊيل مٺو وقت رڙهي ئي نٿو!

جهرمر تارا. اپ ۾ اکيون. اندر ۾ مالڏاڻ، چؤڦير اوندهہ جون چوليون. لڏله ڙ لسنهڙ آسائتو من. ٻک ۾ پاهہ، پوءِ بہ اجهل وکن کي هواش جا ٻيڙا وڌل. متان: پنُوريل آس ڇهوٽي ڦي چٽي پوي.

اولهه چرن چوليون، ڀڏل لوڪ. ڀرڀر ٽڏڪار جهڙي ورڪا ۾، ڏفن ٿيل. آسائتيون اکيون اپ ۾ کتل آجهل وکون پيڙا چڏائيندڙ. اٿل آيل: چوڦير لڳاھ، مٺ ۾ ساھ. پوءِ ۽ چوکو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ ورايل. وقت پيرن هيٺان الڪيل ساھ. اجهل وکون، يار ڏانهن. رٿي جو پٽڪو، مڙدالي همٿ. وک، وک ۾، الهر جي اڏسي جي چيرتي اجهل وکون. پير، پير ۾.

اونده جو اٿاھ سمنڊ جهاڳيندڙ. سن جي اک سان هرگس چاڪندڙ. ڪئين پيرا لتاڙيل، تنهنڪري چاتل سڃاتل ...

يار اڳيان، اوسيڙو ڪندڙ.

اوتجي آيل پوڳ جو خيال سن ۾:

مڙدالو آواز ٿاهي:

'ستان ويو آهين.'

سراپيل همراھ. ٿڪيءَ ۾ ٻيل. پوءِ، امالڪ ياچ.

د ٻيل ٺهڪڙن جي ڦوهار. ٻانهن کان جهلي، پاڪر ۾ ڀڪڙ.

'ڪيڏي آهين.'

'ٻلي. تون هئين.'

'ڪيڏانهن ٿي ٻڳين؟'

'سون سمجهيو—'

'تو سمجهيو اجهو ڏٺي اچي ٻُڳا.'

'ٺ، تڏهن به هوشيار ته رهجي.'

ڏاهپ جا ٻول:

'ڊڄين ٿو؟'

'نه جاني، تڏهن به ڪٿڪو ته—'

ٿڪيءَ ۾ ٻيل:

'جي اهڙي مهل اچي—'

اولهي ڪوھ مان ڇهڻو آواز.

'سير لڳي.'

'ڀڪو الجام.'

'مڙساٿي ڏاڙهي.'

'ٻُٺي نه ڏيندين؟'

'اهو لعنتي ٿئي.'

’وڃڻي ٿو جهل ڪجاڻ.‘

هيٺين ۾ ڇُڳهه، اکين آڏو اوندهه. اکين جي هيريل روشني اندي ٿيل.

هڪ پاڇو پچندڙ.

پار جي پاڇ جي وک وک، گهوپاٽو. هنياء تي ڦهڪو تي لڳندڙ.

ڪوماڻيل ذهن. ڪوماڻيل حواس. سِر تي آئي، منهن ڏبو. ڪوماڻيل ذهن ۾ سوچ جو ترورو. پاڻ سنڀاليل:

’حيف تس.‘

’ا. وئي آهين رَنَ.‘

پولار ۾ ٻولاٽيون ڪائيندڙ آواز ڪي سچاڻ لاء:

ادو؟

امالڪ چوٽيءَ ۾ هٿ. سَتَ: ڪريل رن. ڪٿي، ڪيڏالهن پڳئي پار؟

اوسان خطا. ڪُڇي جهڙي پٽ.

پار جو لفظ ٻه ٻٽيل لڳن تي چنبڙو لي لڳل. تتل، ٻُڙڪا ڏينهڙ پاٽيءَ جو چنبڙو: روح ۾ قلڪٽو ٿيل.

’آ ـ اڇي ٿو ـ‘

چمڪاٽ، وڄ ڪيريل. ڪنڌ لڙيل. ڏک مٿان ڏک. ٻُٽ ڦرتيءَ تي زڪو ڪري ڪريل. گِڙڪايل ڪيڪراٽ، رات جي اولداهين ماتيڪي سمنڊ جي پيٽ الدر.

۽ پوء ماڪي مالت.

ٻئي ڏينهن، سج ايرئي راڄ ڏٺل: واهه ۾ لڙهندڙ لاش سُڃاڻپ وڃايل.

چياڻون ’ڪاري.‘

۽ پوء سڀ پنهنجي پنهنجي ڪِرت سان لڳل.

"مٺا آهن پر......!"

هوءَ ڳالهه ڪائي وئي.

اوچتو ڏاکڻ ۾ ڪيترن ئي قدمن جي ٺپ ٺپ جا آواز اچڻ لڳا. هو اٿي ڪٽ تي سڌو ٿي ويٺو، هُن جو وڏو ڀاءُ اڳيان هو، پويان ٻيا دڪاندار. فقيرياڻي هيسجي وئي، هو جيئن جو تيئن ويٺو رهيو. هُن ڏٺو، ٻين ماڻهن سان گڏ اهو برف وڪڻڻ وارو به بيٺو هو، جنهن چوٽ مُنهن ۾ ٻين وانگر ٽامي جيان ڀَريو پئي. ڪمري ۾ گوڙ مچي ويو، ڪنهن فقيرياڻيءَ کي چوٽيءَ کان جهلي وٺي ٻاهر گهليو ۽ ڏاکڻ تان هيٺ ڌڪيندو سُڪون هٽندو وٺي ويو. برف وارو به آن جي پويان سهڪندو گاريون ڏيندو ويو. هو ماٺ ڪيو سڀني کي ڏسي رهيو هو. صرف پرون ٿاڦيل هئس، سندس ڀاءُ رڳو نصيحت واري انداز ۾ ڳالهائيندو رهيو. جڏهن ته ٻيا دڪاندار وڏيڪ مرچ ۽ مصالا وجهندا رهيا. ڪجهه گهڙين کان پوءِ ڪمرو خالي ٿي ويو، هُن جا پرون اڃا ٿاڦيل هئا – هو لونبوڪ ۾ ڪجهه لڪي آرام ڪرڻ چاهي پيو هُو لڪي رهيو هو.

"اکيون جيڪو ڪجهه ڏسن ٿيون، ڪَن جيڪي ڪجهه ٻڌن ٿا، اهو هرويرو ۽ اهڙيءَ طرح سڀڪجهه ڪونهي. موتي سمنڊ جي اونهائيءَ مان ٻنهه سپين ۾ ملندا آهن، سمنڊ جي ڪناري تي رڳو اڇي ڦيڻ ملندي آهي."

نقاد نہ ڪو قصيده گو آهي، جو پنهنجي پسنديده اديب لاءِ ويهي مداحون گهڙي، ۽ نہ ڪو حجام آهي جو مڏيءَ پاڪيءَ سان ويٺو اديبن جا مٿا ڪوڙي!

*　　*　　*

هڪ حاسد، ڪينہ پرور، متعصب ۽ انتقامي جذبات رکندڙ ماڻهو نقاد ٿي نٿو سگهي. نقاد، تہ هڪ شريف النفس، وسيع القلب ماڻهو ٿي سگهي ٿو. جو رحمت ۽ رافت جي جذبات سان سرشار هجي. جو ذاتي ۽ شخصي تعلقات کان بالا هجي. جو مک وانگر رڳو گندگيءَ جي ڍير تي نہ ويهي، پر ماکيءَ جي مک وانگر، حسين ۽ جميل، عطر بيز ۽ روح پرور فني گلستان مان رس چوسي، مٺي ماکي بنائي سگهي.

ـ غلام محمد گرامي

مهراڻ 1-2/1973ع

# مضمون

# ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ — سنڌي شاعريءَ جا ٻانيڪار-1

سنڌ جي اوائلي شاعري بابت عموماً اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته اها سومرا دؤر کان شروع ٿي، پر انهيءَ بابت ڪو به مستند مواد موجود نه آهي. البت ڪي دوها، ڪن تاريخي شخصيتن ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن جي يا ته پوءِ جا گهڙيل آهن، يا ڪن فارسي نسخن تان ورتل آهن. اهي فارسي ڪتاب گهڻو پوءِ جا لکيل آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهن جي مصنفن پڌل شعر جا ٽوٽڪا پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيا هجن. سنڌي شاعريءَ جي شروعات ڪيتري به پراڻي هجي؛ پر ان تي مستند مواد سورهين صدي عيسوي کان پوءِ ئي دستياب ٿي سگهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ دؤر جي شاعرن کي سنڌي شاعريءَ جو "ٻانيڪار" (Pioneer) سڏيو وڃي ٿو. انهن ٻانيڪار شاعرن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌ ن شاعري سنڌ جي بنيادي شاعري تسليم ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي شاعر ڪالهه پوءِ آيا، انهن گهڻو ڪري سنڌن تقليد ڪئي آهي ۽ اهوئي خيال پنهنجي شاعري ۾ ظاهر ڪيو آهي. ان ڪري انهن ٻانيڪار شاعرن جو سنڌي شاعريءَ ۾ اهو ساڳيو درجو آهي جيڪو عربي شاعريءَ ۾ الاَخطَل، فَرزدَق ۽ جَرير جو آهي ۽ انگريزي شاعريءَ ۾ چاسر، اسپينسر ۽ شيڪسپيئر جو آهي. فرق رڳو اهو آهي ته عربي ۽ انگريزي شاعرن جو ڪلام اصليت تي مبني آهي، ۽ انهن نهايت وڏيون تصنيفون ڇڏيون. سنڌي ٻانيڪار شاعرن جي ڪلام جو سڄو ڍانچو گهڻو ڪري تقليد ۽ نقاليءَ تي ٻڌل آهي. اها حقيقت انهن شاعرن جي ڪلام مان واضح آهي.

## قاضي قادن:

سنڌي ٻانيڪار شاعرن جو اڳواڻ قاضي قادن آهي، جو اصل ۾ درٻيلي جو رهاڪو ٻڌايو ويو آهي. هُن سمن جو آخرين دؤر ۽ ان کان پوءِ ارغونن جو دور پڻ ڏٺو. سنڌس زماني ۾ ٺٽي تي ارغونن جو قبضو ٿيو ۽ اتي قرمار ڪئي وئي. مير معصوم بکريءَ جو چوڻ آهي، ته ارغونن جي لشڪر ٺٽي ۾ ظلم ۽ زبردستيءَ جي بازار گرم ڪري ڇڏي ۽ ماڻهن جي عزت ۽ مال لٽيو. قاضي قادن جا ٻار ٻچا به ٺٽي ۾ هئا ۽ قيد ڪيا ويا، ان ڪري هُو چرين وانگر ٺٽي جي گهٽين ۾ کين ڳوليندو رهيو. اصل عبارت هن ريت آهي: "زيراکه اهل و عيال قاضي نيز به بند افتاده بود واو سراسمه وار در کوچه تهته گم کردگانِ خود را مي جست"(1).

(1) تاريخ معصومي: ص 114

تحفة الڪرام ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حافظ محمد شريف جـي چوڻ تي ٺٽي جي ماڻهن تان قتلام، قرمار جو خاتمو ٿيو: ان ته ڪوبه ماڻهو انهيءَ مصيبت مان اڃا به ڇٽي سگهي ها. وڌيڪ مذڪور آهي ته 11- محرم کان 20- محرم 927 هجري تائين، ٺٽي جـي شهر کي لڏڪو سمجهي لٽيو ويو هو(2). جيئن ته ارغون چنگيزخان جـي نسل مان هئا ۽ مغل (منگول) هئا، ان ڪري انهن پنهنجي اباڻي ظالماڻي طور طريقي کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوبه ڪسر ڪونه ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ واقعي کي تاريخ ۾ ”خرابي سنده“(3) لکيو ويو ۽ ان محاوري (چوڻي) مان ابجد جي حساب موجب ساڳيو سال يعني 927 هجري (521 عيسوي) نڪريو اچي.

طبقات اڪبري ۾ وري هن ريت ٻڌايو ويو آهي ته شاهه بيگ ارغون اتر سنڌ ۾ بکر جو قلعو ڪاهيو رستي قاضي قادن کان هٿ ڪيو هو، جو ان وقت انهيءَ قلعي جو محافظ هو. ڪمس ڄام لنڊي انهيءَ قلعي تي مقرر ڪيو هو: پر هُن قلعي جي دفاع ڪرڻ بدران، شهر جون ڪنجيون قنڌار جي حاڪم جي حوالي ڪيون(4). قاضي قادن جو اهو قدم غداريءَ جي مترادف هو، ڇاڪاڻ ته سنڌ جو تختگاهه ٺٽو، ڄام فيروز جي هٿ ۾ هو ۽ بکر جو قلعو دشمن جي حوالي ڪرڻ سان، هُن لڪي جبل تائين سنڌ جو وڏو حصو ڌارين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو. جنهن لاءِ تاريخ ۽ سنڌ جا ماڻهو ڪيس ڪڏهن به معاف نه ٿا ڪري سگهن.

قاضي قادن سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جا دوها لکت ۾ مليا آهن. ٻڌايو ويو آهي ته هي صاحب قاضي ابوسعيد بن زين الدين جو پٽ هو ۽ هُو ٺٽي ۾ ڄائو هو: پر ڪن جو خيال آهي تـه هُو سيوهڻ جـو رهاڪو هو. قاضي قادن تفسير، حديث ۽ فقه جـو وڏو عالم سمجهيو وڃي ٿو. هُو سيد محمد مهدي جونپوري جو مريد هو. ڪيس ميرزا شاهه حسين ارغون بکر جو قاضي مقرر ڪيو هو. آخر ۾ هُن گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ سنه 958 هه (1551ع) ۾ وفات ڪيائين(5). هُن فارسي شعر جو هڪ وڏو ديوان ڇڏيو آهي، پر سنڌ ۾ مشهوري انهن ستن دوهن جي ڪري آهي، جي سنڌيءَ ۾ آهن ۽ بيان العارفين ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن. اهي ست دوها (يه ستا بيت). سنڌي ٻوليءَ جا بنيادي شعر سمجهيا وڃن ٿا، ڇاڪاڻ تـه انهن جي تتبع تي پوءِ جي ايندڙ شاعرن شاهه ڪريم، مخدوم نوح، ابوالحسن، ساميءَ، لطيف ۽ ٻين پنهنجا پنهنجا بيت جوڙيا. قاضي قادن جا دوها گهڻو ڪري هندو ويدانت جي فلسفي تي ٻڌل آهن،

---

(2) تحفة الڪرام: جلد 1، حصو 1، ص 109

(3) يعني ته سنڌ جي تباهي — ڇاڪاڻ ته سمن جي خالص سنڌي حڪومت کي ختم ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ ڌارين جي حڪومت سنڌ تـي قائم ٿي ويئي. ان سان گڏ سنڌ جـي تختگاهه ٺٽي کي به بلڪل تاراج ڪيو ويو. تاريخ طاهري: ص 51-61

(4) طبقات اڪبري: جلد 3، ص 517

(5) تاريخ معصومي: ص201

هن دؤر جي شروعات شڪيءَ (1867-1902ع) ڪئي. شڪيءَ جو مقصد هو فطرت کي محفوظ ڪرڻ. هو چوندو هو، ”فطري ٿيو“ ”حقيقي نظارن کي اهميت ڏيو“. اهوئي ”حقيقي نظارن کي اهميت ڏيو“ جو منو هائيڪو مخزن ’ڪوئل‘ جو بنيادي اصول هو. اها مخزن شڪيءَ ۽ ڪيوشيءَ 1899ع ۾ شروع ڪئي. شڪيءَ نه فقط سٺو هائيڪو شاعر هو، پر هو هائيڪو شاعريءَ جو وڏو نقاد پڻ هو. هن باشو کان وڌيڪ بوسن کي اهميت ڏني، عمر جي آخري وقت ۾ هن تمام ڏکي بيماري ڏٺي. ان بيماريءَ هن جي شاعريءَ ۾ اذيت جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

هن جي تنقيد ڪيترن هنڌن تي انتهاپسنديءَ واري آهي، پر تنهن هوندي به هن کي باشو، بوسن ۽ ايسا سان گڏ هائيڪو جي چئن وڏن شاعرن سان ليکيو ٿو وڃي. هن خالص معروضي هائيڪو لکيا آهن، ۽ اهڙن هائيڪن لکڻ لاءِ ئي پرچار ڪندو رهيو.

شڪيءَ جا اوائلي شاگرد هئا هيکي ڪوتو، ۽ ميس ايستو. ڪجهه وقت کان پوءِ هيکي ڪوتو هنن کان ڌار ٿي ويو ۽ ڪلاسيڪيت ۽ روايت خلاف هائيڪو شروع ڪيائين. هيکي ڪوتو اهڙا هائيڪو لکيا جيڪي ’آزاد هائيڪو‘ آهن، ۽ انهن ۾ ماترائن جي ڳاڻيٽي جو به لحاظ نه آهي، اڳتي هلي ڪافي نون شاعرن آزاد هائيڪو لکڻ شروع ڪيا. اهڙن شاعرن جي اڳواڻي ڪيوشي ڪئي، جنهن سان ڪيترائي جديد شاعر جهڙوڪ سئي ها، ڊڪوتسو ۽ سيڪتي شامل ٿي ويا.

1912-26ع ڌاري باشوءَ ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي ۽ باشو هڪ دفعو وري مقبول ٿيڻ لڳو، اهو ان ڪري ٿيو جو جپاني شاعري جديد يورپ جي اهڃاڻي شاعريءَ جو اثر قبول ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ باشو جي هائيڪن ۾ اهڙا عنصر اڳ ۾ئي موجود هئا. ڪيترن ئي نون شاعرن جهڙوڪ شئوشي، بوشا، ڪشادئو، تڪاشي، هڪيو، ۽ شوشن؛ ڪيوشيءَ سان شامل ٿي، ’نئين اسلوب واري هائيڪو‘ جو پرچار ڪيو، ۽ انهن جديد لاڙن جي اثر هيٺ پراڻو، ڪلاسيڪي ۽ روايتي هائيڪو، نئين زماني جي نئين رنگ ۾ رنگجڻ لڳو.

## مددي ڪتاب:

1. COHEN. WILLIAM: To walk in Seasons, Tokyo-1972.

2. Geoffrey Browns and Anthony Thwaite: The penguin Book of Japnese Verse, Middle sex-1964,

3. Shipley, Joseph. T: Dictionary of World literary Terms, London 1970

# ترجما

(ترجما ڪهاڻيءَ جي لحاظ کان آزاد آهن)
شروعاتي دور.

## موريٽيڪ

ڪرنڊڙ گل
ٽاريءَ ڏي موٽي ٿو
هاءِ — هيءُ پوپٽ!
*
منهنجي حياتيءَ جو عرصو
اڄ لڳي ٿو
صبح جو گل.

## سوڪن

جي مينهن پوي
اڄ رات جو — او چنڊ
ڇني ڪٿي اڇجانءِ.

## چار وڏا هائيڪو شاعر

### (1) باشو

مينواريل تلاءُ
ڏيڏر جو ٽپو
پاڻيءَ ۾ ڇپڪو.
*
ڳوٺن ۾
رولبي وارو گيت
فن جي شروعات
*
گهوڙيءَ کان پوءِ ڪڪر
اچي ڏين آرام
چنڊ ڏسڻ کان.
*
ڪهنڊ چڙهن پيا
ڪيو پورو راڳ
وڳا گل خوشبو سان.
*
رکو عطر ڪهي
جو برف ذرن(I) ڪي
گل بنائجي.
*
خالي گلدان — خالي آسمان
پربل پيالو مڌ جو
هيءُ اڪيلو پياڪ.

### (2) بوسن

پٽ وٽ هڪڙو وڻ
پنهي طرف هڪ جيترا
گل ٽا ڪن چڻ چڻ.
وڻ جا پن چٽيا
مندر ظاهر ٿي پيو
ٽارين جي وچ مان
*
ڏينهن جو — ڏيڏر ڪهڙي رات
رات جو — ڏيڏر ڪهڙي ڏينهن
ناشڪري — !
*
ڪرنڊڙ پنکڙيون
— ۽ انهن ۾ هڪ مڇر
ڪري پيو پون پون.

### (3) ايسا

ماڪ جي دليا
ماڪ جي دليا
پوءِ ب ......
*

(1) Snow flakes.

باغ — هڪ پوپٽ
پار پالبڙا ڏئي — هو اڏامي
هو پالبڙا ڏئي — هو اڏامي

*

ميرن لاءِ
رات تہ لمبي هوندي
تنهائيءَ جو احساس الهن ڪي پي هوندو.

*

آهستي چڙهہ چاڙهي
فيجيءَ جي جبل تي
او ننڍڙي ماڪوڙي.

*

چيريءَ جي وڻن جي وچ ۾
ڪهڙي اجنبيت.

*

پاڙيسري ڳوٺ ڦالو
۽ ڏيڏر ڪري ٽان ٽان
ڪهڙو نہ دوڪالو

*

هڪ ماڻهو
هڪ مکِ
ترسن هيڏي ساري ڪمري ۾.

*

جڏهن جڏهن پي دل
هورهاڻ هوريان پڏڻ لڳي
گل تڏهن بہ ٽڙن.

## (4) شڪي

اڄ رات ۽ لڪڻ
ڪيڏا جيت مليل
آهن منهنجي مس ۾.

*

آتشبازيءَ بعد
سنسان رستو
۽ هو لهندڙ تارو

*

ليري سالجي سمنڊ
سامهون هڪڙي ٻيٽ تي
ٽڙي پيون ٻتيون.

## ميستو

ٽڪريون — ٻني، اڇاڪو
چنڊ هيٺان
هر ڪاهي پيو.

## هيگي ڪونو

بهار جا ڏينهن
ٻنين مٿان
بي پاڙا ڪڪر.

## ڪيوشي

لالڪ پڄي ويو
پر ان جون اکيون اڃا بہ
پوڙن مان گهورين پيون.

*

ٻهريون پوپٽ
خواب جيان
لڙڻ گان اوجهل.

## دڪونسو

برف مان ڍڪيل پهاڙ
۽ الهن مان
پڙاڏو ڪهلجي.

## سيڪتي

سَرءُ جو طوفان مالو لٿي
هيتان هُتان
ماڻهن جا آواز جاڳن.

## ٽڪاشي

چڪلي جو
خالي ڪمرو—
سرءَ جي منهه.

*

بصر جي پوک تي
لهندڙ پوپٽ
اڪيلو— اداس!

## متفرقه

جڏهن دلهما ٽڙي تي
تہ پنهنجي ڪين موٽي
ڇڻندڙ گل نہ موٽن
(ٽينوڪو)

تلاءَ ۾ هٽ پوڙيان ٿو
ترلدڙ سڪل پن
ٽڙي پڪڙي وڃن ٿا
(سائن)

سچ لهي ٿو
سڪل وڻ جي پويان
وڻ کي هٽ ۾ آڪيرو آ.
(بولچو)

ڪيترو بہ سڏيوس
تہ بہ ٿالبالو
پنهنجي وات ويندو
(اوليسورا)

منهنجي اچڻ وارن سٽان
هيءَ سياري جي چانڊوڪي
ان کاڻ ڪاٿي ٻرڪ ٿڏي؟
(جوسو)

چاهلو ڇاري جي پرساڻ
زور وهندڙ آبشار
ڪرسيءَ کي ڇيڙائي ٿو.
(شڪو)

## جديد عڪس

هن کي هاٿي پار ٿيو آ
هاٿي هن جو پيالو
هن جي دل ڪيئن ولهرالي.

*

پار جي هوم ورک ۾
هڪ ڏکيو لفظ
۽ ٻيءَ جو (ڪاوڙيل) چهرو.

*

پوليس واري جي هنج ۾
ڪم ٿيل پار—
مٺائيءَ جي دڪان ڏي اشارو (ٽوڪري)

*

ڪهر کي صاف ڪنهي
لين ٿا
پيار جا ٻهرپان خط.

هي ڪتاب سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ پيپر پڙهڻ لاءِ ڪيل مونوگراف آهي، جيڪو 1962ع ۾ پيش ڪيو ويو. مجموعي طور هي ڪتاب سنڌي الف-ب ڪي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ليڪن ڪان چوڏهن سال پوءِ ڇپجڻ ڪري ڪتاب جي اهميت قدري گهٽ ٿي نظر اچي ٿي، ڇو ته وچ واري زماني ۾ هن بابت ڪيتري ڪم ٿي چڪو آهي. ناشر طرفان ليکڪ جو نالو صحيح نموني نه آيل آهي ۽ عهدو نالي سان گڏ هڪ ئي سٽ ۾ آهي، بلڪ عهدو اڳ ڇاپيل آهي، جيڪا هڪ فروگذاشت آهي ۽ سٺي نٿي لڳي. اهڙيءَ طرح سرورق تي ڪتاب جو نالو 'سنڌي الف-ب جي ارتقا' ڇپيل آهي ۽ اندر 'الف-ب' ۽ 'الف-بي' لکيو ويو آهي.

[ڇپائيندڙ: سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي-سائيز: ڊيمي — صفحا: 99 — قيمت: ٽي رپيا — ملڻ جو هنڌ: ادبيات حيدرآباد سنڌ.]

— ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

## سنڌي ادبي بورڊ جا نوان شايع ڪيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1- سيرت مصطفيٰ ﷺ | - مولوي محمد عظيم شيدا | 12-00 رپيا |
| 2- سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر | - هينري پاٽنجر<br>مترجم: محمد حنيف صديقي | 20-00 رپيا |
| 3- وحشي جيوت جا نشان | - مترجم: محمد ابراهيم جويو | 8-00 رپيا |
| 4- ابن بطوطه جو سفرنامو | - مترجم: محمد ابراهيم عباسي | 15-00 رپيا |
| 5- عمر مارئي (لوڪ ادب) | - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 12-50 رپيا |
| 6- سورٺ- راءِ ڏياچ | - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 10-00 رپيا |
| 7- سسئي- پنهون | - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 15-00 رپيا |
| 8- دودو- چنيسر (ڀاڱو پهريون) | - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 20-00 رپيا |
| 9- جوٺاري | - مترجم: قاضي خادم | 6-00 رپيا |
| 10- قائداعظم جون تقريرون | - مولانا غلام محمد گرامي | 6-00 رپيا |
| 11- ٻارن لاءِ آکاڻيون | - مترجم: مرادعلي مرزا | 3-00 رپيا |
| 12- حشرات الارض | - مرزا قليچ بيگ | 2-50 رپيا |
| 13- سنڌي زبان جي بنيادي لغت | - | 1-00 رپيا |
| 14- التمهيد (عربي) | - مصنف: عبيدالله سنڌي<br>- مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي | 30-00 رپيا |
| 15- سير ريگستان | - محمد اسماعيل عرساڻي | 4-00 رپيا |
| 16- ڪئنڊيڊ (سنڌي ترجمو) | - مصنف والٽيئر | 5-00 رپيا |
| 17- مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي [ننڍپڻ] (جلد پهريون) | - مترجم: اياز قادري | 12-00 رپيا |
| 18- مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي [تربيت] (جلد ٻيو) | - مترجم: اياز قادري | 15-00 رپيا |
| 19- سنڌ ۾ پکين ۽ جانورن جو شڪار | - محمد اسماعيل عرساڻي ۽ غلام رباني | 5-00 رپيا |
| 20- ڪچهري جا قول | - محمد سومار شيخ | 12-00 رپيا |
| 21- تاريخي افسانا ۽ ڊراما | - غلام محمد گرامي | 15-00 رپيا |
| 22- ڪليات شاهه محمد ديدڙ | - پروفيسر عبدالڪريم سنديلو | 15-00 رپيا |

ملڻ جو هنڌ

## سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر 12،

حيدرآباد، سنڌ.

سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، اسٽيشن روڊ،

ڄامشورو سنڌ.

# مهراڻ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ - شيخ اياز - نياز همايوني - تنوير عباسي -
نعيم دريشاڻي - ذوالفقار راشدي - سروپچندر شاد - ابراهيم منشي -
سحر امداد - امداد حسيني - تاج بلوچ - الطاف عباسي - شرجيل -
نسرين جوڻيجو - شهناز ميمڻ - رفيق - قاضي خادم - سليم ڳاڙهوي -
انور پيرزادو - تاج جويو - علي بابا - ماڻڪ - عبدالقادر جوڻيجو -
شوڪت حسين شورو - بيدل مسرور - نسيم ٿيٻو - نورالهديٰ شاه -
محمد دائود بلوچ - ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ - مير محمد پيرزادو - منظور ظفر -
وليرام ولڀ - نثار بزمي - عابد بلوچ - نانڪرام ڏي - سليم احمد -
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو - مشتاق شورو - مظهر ميمڻ - ناشاد - سارنگ -
عبدالواحد عابد - نظام الدين زائر - عاجز اڄڻ - ناز سنائي - خاڪي جويو -
رسول ميمڻ - اياز گل - عظيم سومرو - اطهر منگي - سرور سيف - نقاش -
بشير سيتائي - منير گهانگهرو - ميوو خان لاشاري - غلام حسين رنگريز -
ملڪ نديم - احمد خان ملڪاڻي - نور گهلو - پون سنڌي - نصير مرزا -
ماڻيٽو اوٽو - پير بخش پياسي - محمد رمضان زلفي - جوهر بروهي - امين ٿيٻو.